
جاگیں ضمیر
اندرا شبنم



ڀيڻ ڪملا آس،

جاڳيل ضمير

(سنڌي آزاد نظم)

اِندرا ’شبنم‘

[illegible]

15/3/2005

اِظهار

ورهاڱي جي وقت سنڌي هندن کي هند ۾ لڏايو ويو ۽ اُن ۾ مان بہ پنهنجِي امان جي هنج ۾ ڀارت ۾ هليِ آيس. پونا جي ويجهو، اُرليِ ڪئمپ ۾ ملٽريِ ڪوارٽرن ۾ ۽ نانگہ بلائن، وڇُن جي وچ ۾ ڏينهن رات ورهاڱي جون ڳالهيون ٻڌندي منهنجو ننڍپڻ پلڻ لڳو. امڙ منهنجِي ڳائڻ ۾ پڙ، سنڌ جا گيت، ڏوهيڙا، ساميءَ جا سلوڪ، ماتا جا اوراڻا ڳائيندي رهندي هئِي. مان ننڍڙي، امان جي ئِي آس پاس، سنڌ، سنڌ جون ڳالهڙيون، آمان جو گهر کي ياد ڪرڻ، گهر جي شين کي، سامان کي ياد ڪري روئڻ، ايترو دل تي چِٽجِي ويو جو ورهاڱي جي درد مونکي حساس دل بڻائي ڇڏيو. اوائلي لکڻيون، جي مون ڏهين ورهين جي عمر ۾ لکيون، سي اُن درد سان ٻُڏل هيون.

ڪاغذن، پنن تي لکِي، اُهي ڪاغذ هتي هُتي رکڻ، ڀائرن کان لڪائڻ ۽ 'شبنم' تخلص سان لکڻ سڀ ائين تو ياد اچي جڻ اڄ سڀ ڪجھ ٿيو آهي.

ٿي وڏا ڀائر، اُنهن سان مان ننڍڙي ڀينري، بابا هانگہ ڪانگہ ۾ ئِي ورهاڱي وقت وڇڙي ۽ گذاري ويو.

امڙ جي بيحد پيار، هوليءَ جا سانگہ، لوڪ گيت، بيت، وايون، پڄن... مونکي بہ اُها ڏات بخشي ۽ پنهنجِي امڙ جي ٻوليءَ کي زنده رکڻ منهنجو مقصد آهي.

جاڳيل ضمير

جاڳيل ضمير : (سنڌي آزاد نظم)

- شاعرا : اِندرا پوناوالا 'شبنم'
  ٩، ميور بن، ماڊل ڪالوني،
  شواجي نگر، پڻي - ٤١١٠١٦
  فون : ٢٥٦٧١٠٣٩ ٠٢٠
- پهريون ڇاپو : ڊسمبر ٢٠٠٦ع
- قيمت : هِڪُ سؤ روپيه ◆ ڪاپيون : ٥٠٠
- ڪور ڊزائين : نريندر چنچلاڻي
- ڇپائيندڙ : اِندرا پوناوالا 'شبنم'
- پرنٽر : سورڻ ڪلا (پرنٽرس ائنڊ ائڊورٽائيزرس)،
  پُڻي. فون : ٢٦١٢٩١٢٧ - (٠٢٠)
- ٽائيپسيٽنگ : هرڪشن سامتاڻي، پُڻي
  فون : ٢٦١٢٣٧٥٦ - (٠٢٠)

- حق واسطا : شاعرا وٽ محفوظ

Jaagyal Zameer (Sindhi Poetry)

- **Poetess** : Indra Poonawalla 'Shabnam'
  9 Mayurban, Model Colony, Shivaji nagar, Pune - 411016
  Phone : (020) - 25671039
- **First Edition** : December 2006
- **Price** : 100 Rupees ◆ **Copies** : 500
- **Cover Design** : Narendra Chanchlani
- **Published By** : Indra Poonawalla 'Shabnam', Pune
- **Printer** : M/s SWARNAKALA (Printers & Advertisers), Pune.
  Phone (020) 26129127
- **Typesetting** : Harkishin Samtani, Pune Ph.: 26123756

- **Copyrights** : Reserved with Author

واقفيت

پورو نالو : اندرا ٽيڪچند شهدادپوري
شاديءَ کانپوءِ : اِندرا پوناوالا
تخلص : ’شبنم‘، ’اِندوُ‘
جنم : ڪراچي (سنڌ) ۾ ٢٤ نومبر ١٩٥٠ع (مامي وٽ)
پتا : ٽيڪچند (حيدراباد، سنڌ)، ماتا : لاڙڪاڻو، سنڌ
پيشو : تعليمدان ٢٣ سال پمپري جئہ هند هاءِ اسڪول (مهاراشٽر) ۾ ماسترياڻي.
ٻہ ٽي سال سينٽ ميران اسڪول (پونا)
هڪ سال سينٽ ميران ڪاليج (پونا)
هڪ سال ييروڊا جيل جي عورت جي وڀاڳ جي وارڊن
سيني ٻولين جو ترجمو ڪندڙ ايڪيہ پارتيہ سنسٿا ۾ اُپ سمپادڪا (مرائي)
S.S.Y. يوڳا ٽيچر رشي پرڀاڪر، گُرو ريڪي ماسٽر ۽ سيڪاريندڙ
ڇپيل مواد : ١. ’شبنمي قطرا‘ (سنڌي غزل/آزاد نظم) ١٩٩١ ۾ ڇپيل. ١٩٩٦ع ۾ دهلي سنڌي اڪاديميءَ مان انعام مليل.
٢. ’عبادت‘ ڪهاڻين جو مجموعو ٢٠٠١ع ۾ (سنڌي). گجرات اين.سي.پي.ايس.ايل. سال ٢٠٠٣ع ۾ انعام.
٣. ’سلڄ جو سُک‘ آزاد نظم (سنڌي)
٤. ’تصويرين‘ آزاد نظم (هندي) ٢٠٠٠ع
٥. ’عبادت‘ ڪٿا سنگره (هندي) ٢٠٠١ع
هماچل پرديش مان انعام ۽ سنمان.
٦. ’سرگوشيان‘ اُردو هندي غزل سنگره ٢٠٠٢ع ڪولهاپور (مهاراشٽر ۾) A.I.P. طرفان نقد انعام ۽ شال، سرٽيفڪيٽ، ميڊل وغيره وغيره...

ننڍي هوندي اُرڙدو مان پنهنجي سدا حيات وڏي ياءُ گهنشيامداس کان سکيس. هندي، مرائي وچين ياءُ جواهر لعل کان، گُرمُکي ۽ سنڌي پنهنجي امڙ کان سکيس. اُهي سڀ سرڳواس ٿي ويا آهن. مان جڏهن بہ اُرڙدو، هندي، مرائي ۽ سنڌي ساهت لکندي آهيان يا ڪتاب ڇپائيندي آهيان تہ ان عقيدت سان تہ مان اُنهن کان جيڪي ٻوليون سکيون، اُنهن سرڳواسين کي شرڌا جا گُل، انهن ڪتابن جي روپ ۾ چاڙهي رهي آهيان.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ٢٠٠٠ع کانپوءِ منهنجو ڪوبہ ڪتاب نہ ڇپجيو. مون وٽ ٽن ڪتابن جو مسودو پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ تيار، گهر ۾ رکيل هو. آزاد نظم، غزل ۽ کهاڻيون. مان اُنهن کي ڇپائي نہ سگهيس. آرٿڪ ۽ ٻيا گهڻيئي ڪارڻ، پونا ۾ پريس جو خالي نہ هئڻ اوائلي سال. ٻہ سال اهو مونجهارو. آخر مون اصلوڪيون سنڌيءَ ۾ لکيل پنهنجين رچنائن کي ٻين ٻولين ۾ اُلٿو (انواد) ڪرڻ شروع ڪيو. اُنهن ٻولين ۾ ڇپائيندڙن ڀرپور مدد ڪئي، آرٿڪ، پريس ۽ هر طرح ۽ منهنجا سنڌيءَ مان ڪُجهہ انواد ٿيل هندي، مرائي، اُرڙدو وغيره ٻولين ۾ ڪتاب ڇپجندا بہ ويا ۽ وڪامجڻ بہ لڳا... لڳاتار ٻہ ٽي سال مان پنهنجيءَ ماترڀاشا ۾ رچنائون پاڻ وٽ رکي، حسرت سان، سنڌي ڪتاب ڇپجندا پنهنجي شهر ۾ ئي ڏٺا...

۽ آخر هاڻ، اڄ مان ’جاڳيل ضمير‘ آزاد نظمن جو ڪتاب پنهنجي ماءُ جي ٻوليءَ ۾ ٻن سالن جون سانڍيل ۽ گهڻيون ئي نيون رچنائون ياءُ هرڪشن سامتاڻي ۽ نريندر چنچلاڻيءَ جي همت، حوصلي ۽ مدد سان، پنهنجن پئسن سان ئي ڇپائي رهي آهيان - پنهنجي ماترڀاشا سنڌيءَ ۾ اصلوڪي لکيل رچنائون سنڌي پاٺڪن اڳيان رکندي بيحد خوش آهيان.

پاٺڪو، آسيس ڏيو، اسانجي سنڌي ٻولي وڌي ويجهي

توهانجي پنهنجي،

اندرا ’شبنم‘

٢٠٠٥ع کان ٢٠٠٦ع تائين ايشور جي ڪرپا سان منهنجن هندي ۽ اُردو ڪتابن تي گهڻيئي ساهتڪ سنمان ۽ عهدا، ڀارت جي الڳ الڳ راجين مان نوازيا ويا.

مثال: ايم.پي. مان ’سرو شريشٽ ساهتيڪار‘ ۽ ’ساهتيہ رتن‘. ٺاڻي مان ’ادب شري‘ ۽ جمو ڪشمير مان ’نوائي ڊگر‘ اخبار ۾ سال کان اُردوءَ جا غزل ڇپجڻ ۽ ’غزل سمراٽ‘ جي خطاب سان نوازڻ. پونا جي ’آپڪا مت‘ ۾ سال کن کان لڳاتار هندي غزل ڇپجندا رهڻ. اُردوءَ جي ابراهيم اشق، جاويد اختر، ندا فاضلي ۽ ڀارت جي بيحد وڏن اُردو شاعرن سان مشاعري ۾ شرڪت ۽ ٽرافيون ملڻ. ڏياري ۽ عيد جي ملن ۾ راشٽريہ ايڪتا تي رچيل رچنائن کي پڙهڻ، خطاب ۽ سنمان ملڻ. يرودا جيل جي قيدي استرين ۾ شريمتي مالتي شرما، پريا ماٿر، شريمتي ندا فاضلي ۽ ٻين ممبئيءَ جي شاعرائن سان مشاعري ۾ حصو وٺڻ.

ممبئيءَ جي Sparrow نالي سنستا مان سنڌي شاعرا چوندجڻ. ’رنڊٽي ۾ رچيل رچنائن‘ تي سنمان ملڻ ۽ ڪويتائن ۽ سنڌي ڪهاڻين جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ، اُنهن مونکي ’اِستري سنڌي ليکڪا‘ نمائندو چونڊيو ۽ مون تي هڪ ڊاڪيومينٽري فلم ڪئي.

٧. 'سلسلي' هندي آزاد نظم ٢٠٠٢ع
سمستيپور (بهار ۾) مهاديوي ورما انعام ١٢ مارچ ٢٠٠٤ع
٨. دستڪ (هندي) آزاد نظم ٢٠٠٣ع.
تصويرين کي دهلي دلت ساهت اڪادميءَ ۾ امبيڊڪر جينتي تي ڊاڪٽر امبيڊڪر انعام ۽ ساوتري ٻائي ڦُلي جو خطاب فيبروري ٢٠٠٤ع.

عهدا ۽ ٻيا سنمان : ١. پونا سنڌي ادبي سڀا جي سيڪريٽري - باقاعدي هر مهني جي ٽين ڇنڇر تي ساهتڪ گڏجاڻيون.
٢. International Human rights Association (India) جي طرفان ڪٽڪ ضلع اڙيسا عورتن جي شري بي.پي.شُڪلا طرفان ٢٠٠٤ - ٢ - ٢٢ ۾ مقرر ٿيل.
٣. يوگا، ريڪيءَ جا ڪلاس هلائڻ
٤. ٢٠٠٢، ٢٠٠٣ع چيٽي چنڊ جي موقعي تي سنمان ٿيل - پونا ۽ پمپريءَ ۾.
٥. سنڌو سيوا سنگم پمپري پونا ۾ ٻه ڀيرا عزت افزائي.
٦. پمپري، چنچواڊ روٽري ڪلب مارچ ٢٠٠٤ع ۾ سنمان.
٧. ريڊيو، ٽي.وي. تي غزل، آزاد نظم، ڪهاڻيون پڙهڻ.
٨. ڀارت جي گهڻو ڪري سڀني معياري مخزنن ۾ ليک، عالماڻا پيپر، ڪهاڻين ۽ ڪوتائن جو ڇپجندو رهڻ (سنڌي، هندي، مراٺي، اُردو ٻولين ۾.)

اڻ ڇپيل مواد : ١. سنڌيءَ ۾ ١٣ ڪهاڻيون. ٢. (سنڌي) غزل مجموعو، ٣. (مراٺي) آزاد نظم، ٤. ناول (سنڌي/هندي)، ٥. انگريزي، بنگالي، اُردو ۽ گجراتيءَ ۾ 'عبادت' ڇپائڻ.

پريس ۾ ٢٠٠٦ع : ١. جاڳيل ضمير (سنڌي آزاد نظم)
٢. 'عبادت' (ڪهاڻيون) اُردوءَ ۾.

فهرست

ارپيان تِي،

سدا حيات امڙ کي،
جنهن ڏني ورثي ۾،
اهڙي عاليشان ڏات،
سنڌي ٻوليءَ جي سوغات.

اِندرا 'شبنم / اِندو'
شهدادپوري
اِندرا پوناوالا

جاڳيل ضمير

رت پيئندڙ
ڄوڙن جيان
جاڳيل ضمير سان
جذباتن جا فيصلا
ڪرڻ ڪيترو ڏکيو آهي
پنهنجي ويجهن رشتن جا
ديش ۽ دنيا جا
اُن سلسلي وارا
ناهه ڪيئن ڪريان؟
ڪوڙ سان نباهه ڪيئن ڪريان؟
هيءُ جاڳيل ضمير
ڪابہ اخلاقي غلطي
ڪرڻ نٿو ڏئي
ڪوبہ گُناهه ڪرڻ نٿو ڏئي
هيءُ جاڳيل ضمير.
اتهاس وسارڻ نٿو ڏئي
اتهاس ۾ ڪيل جبرين غلطين،
بزرگن جي ڪيل فيصلن،
جو حساب تہ ڏيڻو آهي
اڄ جي وارثن کي.
هيءُ جاڳيل ضمير،
جهنجهوري ٿو جاگرافيءَ لاءِ
جنهن ۾،
ورهائجي ويو منهنجو وطن.
بزرگن جا ڪيل،
جاگرافيءَ
۽ هسٽريءَ جا فيصلا
مڃڻ لاءِ،
نابري واري وينو آهي.
هيءُ جاڳيل ضمير،
روئاري ٿو راتين ۾،
ماترياشا جو حشر ڏسي.
نہ ڏيکاوُ ۽ ڪوڙ،
پسڻ جي طاقت،
نہ ٻُڌڻ جي.
ڪٿي وڃجي؟
هن حساس
جاڳيل ضمير کي ڪٿي،
جو نہ آرام سان
جيئڻ ٿو ڏي
۽ نہ مرڻ
نياڳو ندورو؟
يا سياڳو سدورو؟
هيءُ جاڳيل ضمير.

آرڊر آرڊر

مائِي باپ!
منهنجِي اٺن سالن جِي ڌيءُ تي
بلاتڪار ٿيو آهي.
ڪيس کي اڳلِي تاريخ ملِي
صاحب، هڪ سال ٿِي ويو آهي
ڪيس داخل ڪندڙ،
يعنِي زورِي ٿيل،
منهنجِي ڌيءُ جي ابي
شرمندگيءَ وچان
آتم هتيا ڪري ڇڏِي.
ڪهڙو فيصلو ٿيو؟
اڳلِي تاريخ...
عدالت شنوائِي ڏنِي
حضور!!!
بلاتڪار ٿيل، ننڍڙي نينگرِي
پاڳل ٿِي پئِي آهي
اسانجي گهر جي سامهون
جمع ٿيل ميڙ،
اخبار وارن،
فوٽوگرافرن کي هٽائي ڇڏيو.
عدالت فلاڻي - فلاڻي تاريخ
پنهنجو فيصلو ٻڌائيندِي.
آرڊر - آرڊر.

اُهڃاڻ

منهنجي سنڌي هئڻ جا اُهڃاڻ،
گهر ۾ جهوليلال جي تصوير.
سنڌي ٽڪين جو هڪ ڪئلينڊر،
شاھ جو رسالو،
ساميءَ سچل جا ڪلام،
سنڌيءَ ۾ لکيل
دادا واسواڻيءَ جو نوري گرنٿ.
پڃري ۾ بند،
هڪ سنڌي طوطو،
چوندو رهندو آهي،
”پڙھ پٽ طوطا رام - رام.“
منهنجيءَ سرگواسي امڙ،
سنڌيءَ ۾ سيکاريو هوس.
منهنجي گهر جا ڀاتي،
ڀڳت ڪنوررام،
ماسٽر چندر،
۽ ڀڳونتي ناواڻيءَ جا،
ڪڏهن ڪڏهن ڪيسيٽ،
ٻڌندا رهندا آهن.
منهنجو پوٽو ۽ ڏوهٽي ڳائين ٿا،
’ليلي لاوان، کير پت کاوان،‘
’ٽڪلا ڏي مائي ٽڪلا ڏي،‘
’پئسو لڌم پٽ تان.‘

موڪي پاڻ جهڙي، اُها ئي،
گانڌاري پيئي لڳي.
ان ڪري بار بار،
مان پنهنجو اڄ جو ڏنل نانءُ
وساري ٿي ويهان.
ڊائريءَ ۾ ڏيکاريندي ٿي رهان.
نہ ٿي ڏسي سگهان،
اهڙيون بي انصافيون.
گانڌاري ...
ڪؤرن جي ماءُ
اهو ئي ڇاتل - سڃاتل
نانءُ آهي منهنجو.

ڪير آهيان مان !!

اگر ڪوئِي پُڇندو آهي
ڪير آهين تون ؟
گهبرائجِي،
ٻاٿرِي ڪڍندي آهيان.
پنهنجو نالو اُن ۾
ڳولهيندِي آهيان.
مونکي، پاڻ بہ خبر نہ آهي.
صدين کان اهوئِي،
پنهنجو پاڻ کان
پُڇندِي رهندِي آهيان
ڪڏهن راڌا، اَهليا،
دروپدِي، سيتا، ميرا هُيس
يا شايد
مارئِي، سسُئِي، سُهڻِي، هير
ائين لڳو لڳي هِي ڀرشٽاچار
ڦُرلُٽ، دنگا، فساد، بلاتڪار.
سرحدن تي، وچايل لاش
ڏسِي نڪِي سگهان.
خبرون ٻُڌڻ بہ ڏکيو لڳندو اٿم.
اکين تي پٽِي ٻڌِي ڇڏيان،
گانڌارِي بڻجِي پوَان ؟
گرنٿن وارِي گانڌارِي.

پتيورتا هئڻ جي ناتي
اکين هوندي بہ،
سورداس بڻجِي رهِي.
مان اهڙين سماجڪ اوٽاين
کي ڏسِي ڪري،
اکين تي پٽِي ٻڌِي
جيئڻ تِي چاهيان.
ها ! ها ! ياد آيو،
مان گانڌارِي ئِي آهيان.
ڪئِي صديون پهرين واري
منهنجي نظريي واري گانڌارِي.
مهاڀارت گرنٿ وارِي
گانڌاريءَ کان علحدي آهي.
پانڊوَ پُٽر،
سچ جِي راه تي هلڻ وارا
بيشمار ڪوَرون کان
سچ ۾ جيئڻ جون،
سزائون ڀوڳي رهيا هئا.
هنن کان هيءَ بي انصافِي
ڏٺِي نہ ويئِي هوندِي.
سو هن اکين تي،
پٽِي ٻڌِي ڇڏِي هوندِي.

عادت

اڄ هوءَ پڇتائي رهِي آهي
پنهنجن ٻنهي گهرن کي
ڇڏي ڪري.
هڪ پيڪو گهر ڇڏيائين،
پيار خاطر بغاوت ڪري
ٻيو ساهرو گهر.
هُن سان ٿيندڙ
بي انصافيءَ ڪري.
لنبي عرصي ڪانپوءِ
واپس موٽي آئي
واري - واري سان
ٻنهي گهرن ۾.
محسوس ڪيائين،
ٻنهي گهرن ۾
سندس خال،
ڀرجي چُڪو آهي.
هن ڪانسواءِ،
جيئڻ ۽ رهڻ جي عادت
پئجي چُڪي آهي
پيڪن ۽ ساهرن کي.
هڪ پهاڪو ياد اچِي رهيو آهي
هُن سان مؤضون
’ڌوٻيءَ جو ڪُتو
نہ گهر جو نہ گهاٽ جو‘
ٻئي گهر ڇُٽا.
جنهن گهاٽ کي هُن پڪڙيو،
لڳ ڀڳ ڇُٽجي چُڪو آهي.
اجنبي ... بيگانو
پرائو پرائو ٿي ويو آهي.
افسوس !
هوءَ ڪنهنجي بہ،
جذباتي ڪمزوري،
۽ عادت ۽ هڪ خال
ٻڌجي نہ سگهي،
پوريءَ زندگيءَ لاءِ.

معمولي

جن کي اسين
ڪنن ٻه ٻُڌڻ پر،
نه ڏٺيندا آهيون
اصل ليکيندا ئي نه آهيون،
جي بيحد ذهني طور ننڍا
معمولي هوندا آهن.
اُهي ڪڏهن - ڪڏهن
اسانجا سُک
چِني وٺندا آهن.
اسان کان سڀ ڪجهه
کسي وٺندا آهن.
تمام خطرناڪ ٿيندا آهن
هوندا آهن
اُهي چند معمولي انسان
جن کي اسين خسيس،
معمولي
سمجهي ويهندا آهيون.

منهنجي وطن جي خوبصورت ماٿري

جي، لاش ڪيرائيندا هئا،
بندوقون هلائيندا هئا،
اڄ زلزلي ٿيڻ تي،
قدرت جي قهر تي،
هڪ هڪ لاش اڳيان،
آنسون وهائي رهيا آهن.
ائين ڇو ٿي رهيو آهي ؟
اڄ !
منهنجي ديش جي
خوبصورت ماٿري ڪشمير،
سُڏڪن سان،
بارود جي دونهين سان ڍڪيل
رت رڱيل ڳُلرا ۽ برف
ڇا سڏڪن، ورلاپن جي
دل ڏاريندڙ چيخون ٻُڌڻ لاءِ،
ھُنن جو ضمير
نابري واري ويٺو آهي ؟
ماٿري ۾ وسيل،
معصومن، بيگناهن، بدنصيب
کي بچائڻ لاءِ،
سڄي ديش جي ڪندڪرڇ مان
ماڻهو ئي ماڻهو،
ڇو نہ نڪري آيا ؟
برف تي ڇميل
ڳهاٽا رت جا داغ
اُنهن داغن کي اُگهڻ لاءِ
ڪئين هيليڪاپٽر
ڇو نہ نڪري پيا ؟
منهنجي ديش جي
خوبصورت، معصوم،
پاڪيزه ماٿريءَ کي
بدصورت بڻائڻ جي
واهيات ڪوششون ۽ منصوبا
ڇو جاري آهن ؟
ڪنهن بہ سرڪار بدلجڻ سان،
هيءَ خونخوار، واهيات،
بڪواس پريل سازشون،
ڇو جاري آهن ؟
اڄ تائين، خوف، دهشت
۽ وهشت جو ناگوار وايومنڊل ؟
شطرنج جي بازي،
وڃائي وهڻ وارن،
ڪجهہ راڄنيتڪن جا هٿ،
۽ رمزون ڪن راوڻن جون.

ڪوڙاپ

پنهنجي دل ۽ دماغ جي،
سموري ڪوڙائپ،
هِتي پڪيڙي
گهر جي وايومنڊل کي
زهريلو ڪري،
ڪوڙو بڻائي
هو هليو ويندو،
پنهنجي وندر ڀري ماحول ۾.
ڪلڪ ڪلائڪ،
موج مزو مچائڻ.
حواسن کي تازو ڪرائڻ،
ڪنهن مناڻ جو قرض ڪٽڻ.
ڪجهه ڪهڙيون هوُ اُتي،
مِلو - مِلو سُلو - سُلو هوندو.
اوڏر تي ڪنيل مناڻ ورهائي
جڏهن هُن کي محسوس ٿيندو،
مناڻ جو اسٽاڪ ختم ٿي رهيو آهي
پوءِ ايندو اُتان،
پنهنجي ڪوڙائپ
گهر ۾ ورهائڻ لاءِ.

جڏهن تون ايندي آهين

جڏهن تون ايندي آهين
توکي خبر ئي ڪونهي
ڪيترين شڪتيون
ڏيئي ويندي آهين.
وساميل - وساميل هوندو آهيان مان،
وري ... اُتساه وارو ڏيئو
ٻاري ويندي آهين.
ڪا هستي ڏيئي ويندي آهين.
گهر جون ديوارون،
سهميل - سهميل هونديون آهن.
تون اچي،
گونج، گيت، موج مستيون
ڏيئي ويندي آهين.
توکي خبر ئي نہ آهي،
سمڪ ٻہ نہ آهي،
ڇا ڪجهہ ڏيئي ويندي آهين.
آرزو پيدا ڪري ويندي آهين.
جيئڻ جي تمنا، اُتساهَ
وڌائي ويندي آهين.
ڪائي راه ٻڌائي ويندي آهين.
او! اُميد !!!
جڏهن تون ايندي آهين.

بوُچي

بوچِي ...
ان ابهم جو نالو.
جا، انين سالين جي عمر ۾،
ڇئن پنجن مردن جي
وحشت جو شڪار بڻي.
جن کي هوءَ معصوم نينگري
هوءَ ابهم
ڪاڪا، دادا، ڀائو، ماما
ڇئي سڏيندي هئي.
اُنهن رشتن ۾
وشواس رکندي هئي.
جي رت جي رشتن کان،
بيحد قريب،
بيحد ويجها هوندا هئا.
جي رت جي رشتن تي نه ڀڏل
عقيدي، ڀروسي تي ڀڏل هئا.
اڄ هوءَ هاسپيٽل ۾،
پويان پساهه کڻي رهي آهي
هن جي سمجهه کان ٻاهر
اُلجهيل حالتن،
سماج جي گندگين،
جسم جي سؤداگرن،
معصوم، پاڪ رشتن جو
ماتم منائيندڙ،
بوچِي.
انين سالين جي عمر جي
جا ڪجهه به
سمجهڻ کان قاصر آهي.
اڄ هوءَ پاپي رشتن جي،
هن نالائق دنيا مان،
ناڪام ٿي ...
وحشت جو شڪار ٿي،
هميشه لاءِ وداع وٺي رهي آهي.
حيف وجهي ...
ڪنهن چاچي، مامي،
ڀيڻُ، ڀاءُ جي
محبتا وارن رشتن تي ...

دستڪ

آلس ۽ واندڪائيءَ جي وقت ۾،
اچي رهيا آهن
يادگيرين جي لمحن ۾،
اڻ واقف، اڻ ڏٺل،
ڪجهه ڏٺل، ڇاتل سڃاتل مُهانڊا،
ڪن کي ڏٺي يُگ ٿي ويا.
ڪجهه شڪليون
لئه، تال، سُر کٽي،
ڪجهه نون رسن جو
انيؤ کٽي.
لاسيه، تانڊو ڪندڙ،
ممتا، موه سان پريل
پريم شرڌا سان نمتار.
ڪجهه چهرا
پاڻ کي آرام ڏيندڙ گهڙين ۾
آسائش ۽ پنهنجو پاڻ سان
واقفيت ڏيندڙ،
ملاقات ڪندڙ پلن ۾
ڪئي شڪليون
ياد ايندِيون پيون وڃن.
دل جي دروازي تي 'شبنم'
دستڪ ڏيندِيون پيون وڃن.

قسطن ۾

تون ...
ڌمڪائي، خوفزده ڪري،
شطرنج جي بازيِ وچائي،
رَمزون رمي،
مُهرن کي نچائي،
عياريون، شرارتون،
چالاڪيون ڪري،
ڪڏهن مُبهم،
تہ ڪڏهن ظاهر ڪري،
چوندڙيون پائي يا پارائي،
رتورت جذبن کي،
ڪري يا ڪرائي،
اکين مان ننڊ چورائي،
ڀيانڪ، دهشت، وهشت،
دنگا، فساد، خونريزيون،
پيدا ڪري،
قسطن ۾ موت،
ڏيئي رهيو آهين.
ذليل زندگي جي رهيو آهين.

بهار

سرحدن تي جوانن کي اڳتي وڌائي،
برف جي چادر پهرائي،
بارود، بندوقون هٿ ۾ ڏيئي،
هاڻ خزان، بهار جي مند جي
ڪلهي تي بيٺو آهي.
پيدا، معنيٰ تن کان ڏيرا،
حوس ۽ لالچ ۾،
جوانن کان بہ گوء کٽندڙ،
طاقت هٿ ۾، حاصل ڪري
جوانن کي موت بخشي رهيا آهن.
جوڙن وانگيان رت پي رهيا آهن.
هيءُ پيدا راڄنيتڪ جوانن کي،
شطرنج جا مُهرا بڻائي،
راڄنيتيءَ جو کيل کيڏي رهيا آهن.
روٽي، ڪپڙي، مڪان کان محروم
ويچارا جوان ڇا ڪن؟
ٻُڪايل شينهن!
ڌاڙو بڻجن؟
آتنڪوادي بڻجن؟
هتيائون ڪن؟
آتم هتيائون ڪن؟
پرديسن ۾ ڀڄي وڃن؟

نچي، ڳائي، ٽورو نانءُ
ٽورو ناٽو، ڪٿان بہ، ڪيئن بہ
ڪنهن طريقي سان بہ،
ٽورو زنده نہ رهي سگهن،
۽ هي نيتا، ڪرسيءَ جا غلام.
طاقت جا عادتي
شڪتيءَ جي نشي ۾ ڌُت.
ڏاڍ تي سوار.
ڇا ڪري رهيا آهن؟
ساريءَ دنيا جي
ستياناس ڪري رهيا آهن.
جوانن کي اڳتي،
ڇو نہ ٿا وڌڻ ڏين؟
زر، زن، زمينن ۾،
جوانن کي ٿا ٻوڙين.
ڪرسين تي ڇو نٿا ويهڻ ڏين؟
ڇو اُنهن جي هٿن ۾
طاقت نہ ٿا سونپين؟
ڪاش! بزرگن جي ڪلهن تي هجن
اڄ جا جوان سوار
خزان جي ڪلهن تي هُجي
اڄ بهار!

گهر جو دروازو

چيرن، ڏارن ۽ ٽُنگن سان ڀريل آهي
منهنجي گهر جو دروازو.
ڪيستائين مان گهر ۾ ايندڙ
اوپرن کي چوندي رهنديس
’ ليئا نہ پايو، هن گهر جي اندر.
نہ ٻُڌو ڪن لڳائي هن گهر مان ٻاهر ايندڙ،
بي معنيٰ، بڪواس ڀريل وڏن خوفناڪ آوازن کي.‘
مان ڪڏهن ڪڏهن ... مُنجهي پوندي آهيان،
ڏکي بہ ويندي آهيان.
ڪڏهن پاڻي جا ٽُڪرا ڪٽي
ڪجهہ ٽُنگ، ڪجهہ ڏارون ڀري ڇڏيندي آهيان.
ڪڏهن پنهنجن ڪمزور هٿن سان،
ڏڏندڙ هٿن سان
تہ ڪڏهن، مضبوط طاقتور هٿن سان.
نہ ڄاڻ ڪير اُڪاڙي ڇڏيندو آهي
منهنجين انهن ڪوشش کي؟
وري ’ اُهي ئي لاٽون، اُهي ئي چُڪهہ ‘
اُهي ئي ٽُنگ، اُهي ئي ڏارون.
گهر جي دروازي تي اُڀرڻ لڳنديون آهن،
گهوريندڙ نگاهون، گهوريندڙيون ئي رهنديون آهن،
اُنهن سوراخن مان.
ڪن بہ لڳائي ڇڏينديون آهن،
دروازي جي ٽُنگن تي ...

ڏسندي - ڏسندي

ٽي.وِيءَ جي سيريلس ۾،
ڀوتن، جنن، هتيارن،
گهريلو راڄنيتين،
ننگا، اڌ ڪڇڙي عمر وارن
ڇوڪرن، ڇوڪرين،
۽ زناه خوري ڏيکاريندڙ،
ڇا آتنڪ نٿا ڦهلائين ؟
ڇا اُهي، آتنڪوادي نہ آهن ؟
ڇا ڏپ نہ لڳندو آهي ؟
بيهودن، ڀيانڪ، بدتميز
سماج جي جزن کي ڏسِي ؟
راڄنيتيڪن جا،
مڪاريءَ، عياريءَ وارا مونهن ڏسِي
اُنهن جون ڀُنيون ڳالهيون
ٻُڌي ۽ ڏسِي،
ڪيترين بندوقن جون
گوليون ڇُٽنديون آهن
اُنهن مٿان،
من ئِي من ۾،
ٽِي.وِي. ڏسندي ڏسندي ...

جهاتي پاءِ

تون گُمراهه ميڙ جو هڪ حصو ته نه آهين؟
پاڻ کي پرکُ، پاڻ کان ئي پُڇ.
ڪنهن کي مارڻ لاءِ،
جي ڪوئي پٿر ڪٽي ٿو
ته ڇا تون به اُن جي
حرڪت جو نقل ڪندو آهين؟
پٿر ڪٽي اُڇلائيندو آهين؟
جو ڪجهه به ميڙ ڪنهن لاءِ ڪجهه چوندو آهي،
ڇا تون به اُهو ڪُجهه چوندو رهندو آهين؟
سوچيندو، چوندو رهندو آهين؟
تنهنجو سوچ، تنهنجو آواز، تنهنجي ڪريا،
تنهنجو ڪرم، ڇا سڀ ڪجهه تنهنجو
نج پنهنجو هوندو آهي؟
پنهنجو نج شخصي احساس
هيءُ لوڪشاهي، راڄنيتڪ
هيءُ ديش، هتان جا لوڪ
ڇا ٿي رهيو آهي؟
تنهنجي آس پاس، اردگرد.
هيءُ گُمراهه ميڙ،
ڪنهن طرف وڃي رهيو آهي؟
ڇا تون به انهيءَ ٽائيپ ۾ هن ميڙ جو،
هڪ حصو ته نه بڻجندو پيو وڃين؟
ٿورو ڳولهه پاڻ کي، اندر ۾ جهاتي پاءِ.

پٿر اُڇلاءِ

پٿر ڦٽو ڪر سُمهيل ڍنڍ ۾،
ڍنڍ کي سمهڻ نہ ڏي.
درد جو اندر سانڍيل آهي،
درد کي شانت ٿيڻ نہ ڏي.
ڪرانتيِ جا اُڀري رهيِ آ،
جوالا ٻڻجيِ ٻري رهيِ آ،
اُن کي پُل ۾ بہ،
ٿڌاڻ نہ ڏي.
تپجندڙ اُس جيان آهي،
هرهڪ اُلجهن.
اُنهن اُلجهنن جي ڄار کي ٽوڙ.
مسئلا وڌندا ئيِ وڃن،
اهڙو ڪجهہ ٿيڻ نہ ڏي.
مڄان ٿيِ،
هليِ - هليِ
محنت سان پٿر ٽوڙي،
ٻين جو ٻُرو وهنوار سهندي،
گهايل ٿيندو پيو وڃين.
پوءِ بہ پاڻ کي،
ڀرم ۾ ٿڪجڻ نہ ڏي.
تون بہ انسان آهين،
ڏُکيِ تہ ٿيندو ئيِ رهندين.
چيل سچ کي،
ڪوڙو ڪرڻ جيِ ڪوشش،
ڪندو ئيِ رهندين.
غم کي ڏوڏائي، لوڏائي،
اڄان تون وڌاءِ.
غم کيِ گهٽ ٿيڻ نہ ڏي.
پٿر اُڇلاءِ، سمهيل ڍنڍ ۾،
ڍنڍ کي سمهڻ ئيِ نہ ڏي.
درد جو اندر سانڍيل آهي،
درد کي شانت ٿيڻ نہ ڏي.

ڪير روڪيندو؟

دنگا، فساد، ڀرشٽاچار
ھُتي باھ، ڦُر، لٽيون ھٽ ۾ ڪٽندڙ جٿا.
ڏڪيل، سھميل ٻار،
ھيسيل ٻڍاپو.
سوال تہ اُڀري نوجوانن جي
ٻپ واري مستقبل جو.
ڏھاڙُ راڄنيتيءَ جو.
جو ڪُرسيءَ تي ويھندو آھي،
نچائڻ چاھيندو آھي.
بس نچائڻ ئي چاھيندو آھي.
گھسي پوندا آھن وچ ۾ ئي،
سو ديشي، وديشي ھٿ.
اُف! سھڻ مُشڪل ھيءُ درد ان ڏنل
زخم، ڏوڙيندا نظر نہ اچن
مُسڪرائيندڙ مکڙو،
چند ٽڪ لڪائي ڇڏيندا آھن.
زھر جو پي رھيا آھيون،
کلندي مسڪرائيندي جي رھيا آھيون.
سنتياڻي ميران وانگر،
ڪنھن بہ گرڌر جو نانءُ نہ.
زنده رھڻ جي موھ ۾،
زندگيءَ جي نانءُ تي.

ڇُهاءُ

اڄ ائين محسوس ٿي رهيو آهي
جيئن ڪو جذباتي مصور،
پنهنجي نهايت ئي
جذباتي تصوير ۾،
پنهنجن سيني رنگن کي
ڪئنواس تي پکيڙي رهيو هجي.
جيئن ڪو سنگيتڪار،
پنهنجي پياريءَ ويڻا جي
تارن کي، ڏيري ڏيري
ڇيڙي رهيو هجي.
انوکي موسيقيءَ جي
رچنا ڪئي هجي.
ڄڻ ته...
ڪوئي عاشق ڀنور آهسته - آهسته
گلن جي بند پنکڙين کي
کولي رهيو هجي.
گلن جي سيني ۾ هلڪي اگني
۽ تپش ڀري رهيو هجي.
ڄڻ ته...
پهاڙن تي هلڪي - هلڪي
برف وسي رهي هجي.
وليون جهومي رهيون هجن.

لهرون آهستي آهستي
ڪنارن کي
ٽڪيون لڳائينديون هجن.
انبن جا وڻ،
ٻور ڀريل ٽارين سان
مهڪڻ لڳا هجن.
رابيل خوشبو ڦهلائيندا هجن.
ڪوئي پکي لات لنوي رهيو هجي.
’شبنم‘
گلن تي چمڪي رهي هجي.
ڪوئي وڻ جهومي رهيو هجي
پوري قدرت نچي رهي هجي
پيار جا عجيب ٻول ٻڌي
دل جون تارون
جهن جهنائي رهيون هجن
من پکيڙرو اڏامڻ لڳو آ،
ڄڻ ته ڪو بادل
هلڪو هلڪو پُسائي ويو هجي
روم روم پوتر ڌارا سان پُسجڻ لڳو،
منهنجو هي گيت لکجڻ لڳو.

اداڪاري

نندپڻ ۾ ئي،
ڌيءُ هئڻ جي ڪري،
پنهنجيءَ ماءُ کان
پنهنجي اداڪاريءَ جون
ڳالهيون ٻُڌندي رهي
عورت هئڻ جون ڀومڪائون ٻُڌندي
هوءَ هڪ روبوٽ بڻجي چُڪي هئي.
ٻَڻ ڏہائيندي ئي
سوَ سيڪڙو عورت
بڻجي چُڪي هئي.
رنڌڻي ۾ روٽي رڌڻ،
ساڙهي پائڻ،
ڳهڻن سان پاڻ کي جهنجهڻ،
۽ ٻيو ٻَڻ ڏہائڻ سان،
ڪانوَ ڪمائيندڙ پُٽ.
آفيس، فائيل، جين پئنٽ
اسڪوٽر تي سوار.
هڪ جوابدار مرد جي،
پوري اداڪاري نڀاهڻ.
هر مهني پگهار جا پئسا
ماءُ جي تريءَ تي رکڻ
وڏن بزرگن جي آسيس گهُرڻ.
امان بابا جو فخر ڀري آواز ۾
’پُٽ، پُٽڙا‘ چوڻ
هڪ ئي جيون ۾،
ٻہ ڀومڪائون جيئڻ.
آخر آهي ڪير؟
پُٽ يا ڌيءُ
اڌ ناري ... اڌ پرش
شِوَ شنڪر جو روپ.
لاسيہ، تانڊو
سان ٺمڪار.
پنهنجي حصي ۾ مليل
اداڪاريءَ کي ايمانداريءَ سان
نڀائڻ واري.
ڪڏهن اہلا، ڪڏهن ٻلوان،
ڪڏهن دُرگا راڪاسن کي
ختم ڪرڻ واري.
ڪڏهن اهليا،
مرد جي سراپ سان پٿر بڻايل
مرد جي مهربانيءَ سان ئي،
پٿر مان وري استري بڻايل.
واه! هر اداڪاري
ناري تنهنجي نڀايل.

وڏي ويڇهي

گهريلو، مانسڪ، سماجڪ ۽ آرٿڪ
ذميوارين کي نڀائيندي - نڀائيندي،
عوَرت بار ڄڻڻ واري
ڏڳي ڳاڏي ٻڌجي پيئي آهي.
نار واري ڏڳي سمان
هن جون جوابداريون، ڪم ڪارج
وڌندا ئي پيا وڃن.
استريءَ کي ئي اها آشيرواد
ملندي رهندي آهي،
’وڌندي - ويڇهندي رهه.‘
شل سنتان ڌن پراپت ٿئيئي.
شال پٽن جي ماتا ٿئين.
’اشٽ پُتر ڀَوَ‘ اٺن پُٽن جي ماءُ ٻڻين،
وغيره... وغيره...
ڪاش! هڪ دفعو ئي سهين،
ڪجھ ورهين لاءِ،
پلي هميشه لاءِ ٻه...
ڪو عجوبو ٿي وڃي، ڪا ڪرامت ٿئي.
ڪنهن جي اها آشيرواد ’مرد‘ کي لڳي وڃي.
مرد رچيتا سڏائي.
اُهوئي پل بار ڄڻي، جنم داتا سڏائي.
ٻار جي سرٽيفڪيٽ تي ماءُ جو نالو لکائي.
پُرش جي ڪُکَ پڻ پل وڏي ويڇهي.

هيءُ ميڙ

پڇري ۾ بند
شينهن جي مٿان،
بوهيِ مڱن جو وسڪارو
ڪري سگهي ٿو
هيءُ ميڙ.
رستي تي ترڪي
ڪو ڪري پيو،
اُن تي ٺَه - ٺه ڪري
ٺهڪ ڏئيِ،
چٺرون ڪري سگهي ٿو
هيءُ ميڙ.
ڀريءَ سڀا ۾،
دروپدي وستر هرڻ
ڏسيِ سگهي ٿو
هيءُ ميڙ.

بار - بار

وزن، ڪافيئي، رديف،
بحر جي بندن سان
من منهنجو پيو منجهائي.
لکي نه سگهان توکي چئي،
من منهنجو گهبرائي.
گيتن جي دنيا ۾،
ائين ڳُم ٿي ويس مان،
انگ انگ منهنجو
ڪو گيت گنگنائي.
ناچ ۾ ٽڙڪل،
ساه ۾ وسجي ويئي
روم - روم لهرائي.
ڪلين جي سنگت ۾
ٽڙي مان ائين پيم،
بار - بار من منهنجو شرمائي.
ماڪ ڦڙي جي درد کي
محسوس ڪري،
نس - نس منهنجي ڪو ڪنبائي.
اڪيلائپ جي عادت
اهڙي ڪا پئي 'شبنم'،
پيڙ جو ويچار ئي
من کي ٿو منجهائي.

رات واري بُک

رات جو بُکَ گهٽِي وڌائي ٿِي،
آندن کي جڻ چيڙي ڦاڙي کائي ٿِي.
جهوپڙيءَ جي ڇت
ٽپڪندي رهندي آ،
پريان پريان کان،
خوشبو ايندي رهندي آ.
لذيذ طعامن جي اها خوشبو،
نڪ جي ناسن ۾ گهُسِي ويندي آ،
۽ آواز ايندو آ
کنهن پيٽ پريل جي گاني جو.
گسِي ايندي ويندي آ،
ننڊ تہ نہ ايندي آ.
ڇا کريان؟
کٽان جوڙيان کجهہ رپيا؟
سپ دٻا آهن خالِي
دال، ڪڪڪ، اٽي، چانورن جا.
هي رام!
پيٽ ۾ بُک ڇو لڳايئہ؟
سڄو ڏينهن پاڻِي پيئندو رهيم.
کنهن بہ طريقي جيئندو رهيم.
رات جو بُکَ گهٽِي وڌائي ٿِي،
آندن کي جڻ چيڙي ڦاڙي کائي ٿِي.

ها پائي ها!

هن جو چلائڻ،
گاريون ڏيڻ،
هُن جي مار ڪُٽ،
هن جو شراب پيئڻ.
روز ڪنهن ڪمسن ڇوڪريءَ کي
آتاري ڏتاري،
ڪنهنجي مجبوريءَ جو
فائدو وٺڻ.
پنهنجي ئي گهر ۾،
منهنجيءَ مؤجودگيءَ ۾،
ڪُڌا ڪارناما ڪندو رهڻ.
مونکي بہ وڪڻڻ جي،
ناڪامياب ڪوشش ڪندو رهڻ.
ها! غصي، نفرت
جو دؤرو پيو مون تي،
هن ڦوڪاريندڙ نانگ جي سِرَ تي
وڏو پٿر هڻين،
هن کي اُقت ماري ڇڏيو.
چڙهايو مونکي ڦاهيءَ تي.
جيستائين شرير ۾ ساهہ آهي،
ٻُوسَاٽ، ڏپ ۽ سُور ڏيندو.
پتيورتا سڏائڻ جي لالچ ۾
اهو غم، اڻ سهندڙ عذاب
۽ ذلت
مان زندگيءَ جو
گهڻو حصو ڀوڳيندي رهيس.
هاڻي بس!
ڇا ٿا چئو؟
نرڳ ۾ ويندس؟
تيار آهيان مان.
جهنم جو مون
ڀوڳيو آهي،
اُن کان وڏو دوزخ
ٿي ئي نہ سگهندو.
فخر سان قبوليان ٿي مان،
ها پائي ها...
پنهنجي پتي پرميشور جو
خون مون پنهنجن
هنن هٿن سان ڪيو آهي.
برداشت ڪرڻ جي طاقت ئي،
ختم ٿي ويئي.
ماري ڇڏيو مون هُن کي.
ها! پائي ها!!

اندر ئي اندر

اندر اندر ڪا ٻاه پيئي دُکي،
ڪا برف پيئي رجي،
ڪا آهٽ پيئي ٿئي.
پونئڙي جي گُنجن،
گُنگُناهٽ پيئي ٿئي.
پوپٽ ڪئين رنگن جا،
ڏيمي ڏيمي پيا اُڏامن.
اندر ئي اندر،
گُل - رجني گنڏا، مؤلسري،
آلس ۾ ٽپ ٽپ پيا ڪرن
چيڙ رن جهن، رن جهن
ڇنن، ڇنن... ڇن ڇن ڇمڪي
ڪئين چوڙيون، ست رنگي پيون وڄن.
گوري نٽ پائي پيئي ڇمڪي،
پل پل منهنجو ساهه پيو ڀڪي.
ميهندي بار بار پيئي مهڪي.
ڪوئل وڻ تي پيئي ڪُوڪي.
سر... سر ندي پيئي وهي
منهنجي دل جي اندر،
اندر ئي اندر.

مُرڪ

هڪ مُرڪ ورهائڻ ۾
ڪهڙو هرج آهي ؟
تو مُسڪرايو،
سامهون واري جا چپ،
لاچار ٿِي سهين
مُرڪڻ لڳا.
چانڊوڪِي ڦهلجِي ويئِي،
هن جي چهري تي.
هڪ ڏيئو،
ٽمڪڻ لڳو
هن جي لبن تي.
تنهنجِي هڪ اڪيلِي مُرڪ،
انيڪ مُسڪراهٽن کي
جنم ڏنو.

سستي سازش

اسين پنھنجو پاڻ کي،
پل پل ماري رهيا آهيون.
ختم ڪري رهيا آهيون،
پنھنجي خوشي، آنند
اُتساھ، پيار.
ٻاري جيان آلاڻ،
جذباتي رهڻ ڇڏي،
جذبن کي ناڪاري،
جھرڻي وانگر
وهڻ کي ناڪاري،
بينل، سينواريل
ڍنڍ بڻائي،
خشڪ ٿيندا پيا وڃون.
سستي سازش جا،
شڪار بڻجندا پيا وڃون.

پرتوِي واسِي

آسمان طرف اُڏام.
ڦوڪٽي جيان،
هلڪي ٽيڻ جو احساس.
اُڏام
اُتساهه، اُمنگ، آنند، جنون
عرش تان
هن فرش طرف نهاريو.
ڌرتيِ چقمق جيان
ڪشش ڪري،
ڇڪڻ لڳيِ پاڻ ڏانهن.
رنگ برنگيِ
خوبصورت زمين،
اُن جي مٽيءَ جيِ مهڪ
سڏڻ لڳيِ.
اُڏام تسريءَ تي،
هُن جي هٺ جو دٻاءُ
وڌي ويو.
۽ ڏيري ڏيري
هوءَ وري واپس
حقيقتيِ ڌرتيءَ تي موٽِي آيو.
پير زمين تي پوڻ سان ئِي،
پرتوِي واسِي هئڻ تي
هن کي فخر محسوس ٿيو.

مشين جيان

پاسي ۾،
رستي تي
حادثو ٿيو.
ڇڏو هڪ انسان،
ڪري پيو.
اسڪوٽر وارو ھُن کي ڪيرائي
ڀڄي ويو.
ويچارو! بزرگ انسان.
مون هن طرف،
وک وڌائيندي،
واڇ ۾ نهاريو.
اڙي!
ڊڪي - ڊُڪي،
لوڪل پڪڙي ورتي.
باس! اڄ به
ريڊ لائين يعني
ڳاڙهي ليڪ لڳائي
ڪوشش سان جمع ڪيل،
آخرين موڪل به ڪٽي ڇڏيندو.
مان به مشيني ڦُگه ۾،
هڪ پيڙ جو حصو،
بڻجندي پيئي وڃان.

چڪرويوه

پيار ڪنهن کي ڪرڻو آهي ؟
پنهنجو پاڻ کي ؟
پنهنجي رت جي رشتن کي ؟
پاڙيسرين سان ؟ شهرواسين سان ؟
ديشواسين کي ؟
سڄي سنسار جي ...
چر - اچر سان.
رچناڪار ۽ اُن جي رچيل
سيني رچنائن سان.
پيار ڪندي
اُنهن جي ڏُک سُک سان جُڙڻ،
اُنهن جي هر جذبي سان جُڙڻ.
جذباتي طور جڙڻ سان
اُنهن ڏانهن ... جوابداريءَ جو جذبو
پيار ئي پيار
پوءِ پيار جو موه ۾ تبديل ٿيڻ.
اُنهن جي باري ۾
نفعي نقصان جو سوچڻ
موه سبب،
اُنهن جي اِڇائن ۾ اٽڪڻ
اٽڪڻ معنيٰ ڏهڻ
آهي نہ چڪرويوه ...؟

ڪنڊيارو جهنگ

جيڪو تون چاهين،
طلبي رهيو آهين،
اهو ڪجھ بہ نہ ٿي رهيو آهي.
جيڪي تون نہ طلبين،
نہ سوچين، اهو ٿي رهيو آهي.
ڪيتريءَ چنتا ۾ چڪناچُور تون!
جڏهن ڪجھ رٿيل، رٿيل،
سوچيل سمجهيل،
انسنا پورا نہ ٿي سگهندا آهن.
وجود ڏڏي ويندو آ.
ڪٿان ڪوبہ پل،
ڪابہ خوشي ڪٽي نہ ايندو آ.
هوسات وڏندي رهندي آ،
آتم وشواس گهٽجندو ئي رهندو آ.
خيال ڳلو گهٽيندا رهندا آهن.
ڪيئن نڪرجي
چاهتن جي چڪرويوہ مان؟
اِچائن جي اگنيءَ مان؟
اهنڪار جي ڪنڊياري جهنگ مان؟
هڪ آگر مٿي ڪَري،
اُپ ڏانهن اِشارو ڪر.
’هو‘... ’هو‘ ۽ بس ’هو‘.

ضرورتون

•

وقت جي تقاضا،
هن شخص جي ضرورتن کي،
ڪيترو نہ گهٽائي ڇڏيو آ.
هن کي پاڇين جي خوشبو،
روٽيءَ جي سڳند،
۽ هڪ عدد پيٽ،
هڪ ٽي.وي. ۽ هڪ بيوي
صرف هُن جي ئي صحت جو خيال رکندڙ
صحتمند، سگهاري
ٽي سگهي تہ ٽُلهي - مناري
جا شرمائڻ، لڄي ٿيڻ جو رول
بخوبي نڀائي سگهي.
جا صرف هن کي ئي،
پڌندي، مُسڪرائيندي، شرمائيندي رهي
دماغ نالي واري چيز کان
واقف بہ نہ هجي
سوال، جواب، سوچڻ، سمجهڻ،
هن جي ڪامپيوٽر ۾ ئي،
فيڊ ٿيل نہ هجي.
سمٽيل، سهميل، گهبرايل،
ويني هجي گهر جي هڪ ڪنڊ ۾،
’آقا‘ جو حڪم ٻُڌڻ لاءِ.

واقفيت

کنهن طلسمي،
مقناطيسي
ڪشش وس،
اسين هئي
ڇڪجي ٿا گڏجون.
بار - بار،
ائين ٿو محسوس ٿي،
اسين هئي،
هڪ ئي باهه جي تپش مان،
ڄرن مان،
ٿورو سيڪجي،
ڪجهه جليل چمڙي،
ڪجهه رهنڊون،
چند زخم،
۽ ٿورن زخمن جا نشان کٽي،
زنده، سلامت
بچي ايندا رهندا آهيون.
شايد !
کنهن هڪ ئي آزمودي،
هڪ ئي درد جو رشتو آهي،
اسان ٻنهي جي وچم.

پنهنجو پاڻ ۾

پنهنجو پاڻ ۾
هر انسان،
هڪ اڪيلو ٻيٽ.
ساگر جي وچ ۾،
لهرون به هونديون آهن.
ٻيٽ جي ڪنارن کي ڇُهي،
واپس وري وينديون آهن.
پکي به اچي وهندا آهن،
وري اُڏامي ويندا آهن.
رهجي ويندو آهي،
هڪ ٻيٽ.
هر انسان وانگر،
ساگر روپي پيڙ ۾
وچ ۾
ته به بنه تنها.
پنهنجو پاڻ ۾
هر انسان،
هڪ اڪيلو ٻيٽ.

چمڙِي

منهنجي هٿ جي ترِيءَ تي،
ٻرندڙ ٽانڊو رکُ،
يا
پگھرجندڙ برف
ڪوبه تاثير نه ٿيندو.
ترِيءَ جي چمڙِي ئِي
مرِي وئِي آهي.
ائين ئِي...
رنج ۽ راحت جو،
ساڳيو ئِي حشر آهي.
ڪنهن جو به ته اثر نه ٿو ٿئي.
مُئل چمڙِي - ٿُلهِي چمڙِي،
هر سنويدنا بي اثر.
رهجي ويئِي آهي،
هڪ درشنا جي درشٽِي.
شانت... خاموش
ترپت
چم درشٽِي،
ازخود،
آتم درشٽيءَ ۾،
تبديل ٿيندي پئِي وڃي.

سوال

اُڄ، اُڄ !!
نہ ختم ٿيندڙ
اُساٽ.
نڙِي سُڪل - سُڪل
ترُ ٿئي ئِي نٿِي.
ڇا ڪجي ؟
هيءُ ... هوُ،
هيءُ ... هوُ.
حاصلات هضم.
سوال ئِي سوال،
پڇريل ٽانڊن جيان.
رجندڙ ميڻ جيان.
اوچي پهاڙ جي چوٽيءَ تي،
نردوش برف جيان،
پنن، گُلن، ٽارين تي
معصوم ماڪ جيان.
ڪي سوال،
سوال ئِي سوال
جواب جڏهن ملن
وري نوان سوال اُڀرن
اُڻ - تڻ،
اُڻ - تڻ.

ٻڌو آهي ڪنهن اوسئا ۾،
خيال ۽ سوال
ختم ٿي ويندا.
ڪرانتيِ ايندي.
شمشان شانتيِ آڻيندي.
مُرده مُرده،
هئڻ جو احساس.
چمڙي ٿُلهي ٿيڻ جو پاس
ڇا موکش اُهو آهي ؟
سوالن - جوابن جو ختم ٿيڻ ؟
ڪنهن بہ هلچل جو نہ هئڻ ؟
احساسن جو مرڻ،
پيار جو برف ٿيڻ،
سُڪل نوُٽ ٿي وڃڻ.
سوال ئِي سوال
جڏهن ملن ڪي جواب
وري اُڀرن نوان سوال.

اُف !!

لنبي مورچا ڪانپوء
هوش ۾ اچِي رهيو آهي،
نيڪ ٿِي رهيو آهي
هُو نؤبنو ٿِي رهيو آهي.
هائِ !
وري هن کي وسريل درد ياد ايندو.
پڇتائيندو، سڏڪندو
پيھر ...
غم جي انڌيرن ۾ گُم ٿِي ويندو،
گهبرجي ويندو.
وساريل زخمن جي خبر جڏهن ملندس
وري غم جي،
منحوس پاڇن ۾
اڌ قتل مُڇن وارو،
ڇوڪرات هُو فؤجِي،
پنهنجين ٻنهِي ڪٽيل ٽنگن
کي احساسي.
پنهنجين اکين جي چراغن کي
اُجهاميل احساسي.
هوش ۾ اچِي رهيو آ هُو.
نيڪ، نؤبنو ٿِي رهيو آهي.
هُو ويچارو ...
اُف ... !!!

پن ڇوڙين پاتار ۾
پهڻ ٻه تارين تون وارو
ڏسو!
ڪيڏو منهنجو وڏو فوٽو
وجهو اخبار ۾،
هاڻ ته سچاڻو
زلزلي وقت ته
ڏاڍيون همدرديون ڏيکاريون
دانوير ياماشاه بڻجي ويا
هاڻ ؟؟؟؟؟
زلزلي کي ڏه سال
گذري وڃڻ ڪانپوءِ ؟؟

ها !! بچي ويو هوُ

گُجرات جي زلزلي ۾،
ها ! بچي ويو هوُ.
ٽُڪرا ٽُڪرا ٿيل،
هڏيون ٽُٽل ڀڳل،
اڌ مُئل حالت
انات ...
ماءُ پيءُ ڏيهاڙي، مري ويا.
ٽي.وي. تي حال جا
ڪلوزاپ ۽ واڌايون،
قدرت جي ڪرشمي تي حيرت
ڏندين آڱريون ڏنيون
گهڻن ئي ڏٺندڙن ۽ ڏسندڙن.
هوُ ٽُڪرا ٽُڪرا ٿيل،
ڀڳل، ٽُٽل هڏين وارو ابهم
جڏهن ڳالهائڻ سڪندو،
تڏهن ڀريون الفاظ
هوُ چوندو
ڏڪاريان ٿو مان پنهنجي
اپنگ انات زندگيءَ کي.
جا زندگي جي نانو تي،
هڪ گندي گار آهي.
ان وقت ...

نه ڪو ٽي.وي. هوندو،
نه ڪلوزاپ وٺندڙ
ڪا ڪئميرا،
نه ئي تماشبين
۽ نه ٽي.وي. ڏسندڙ،
گپ شپ ڪندڙ
گجرات جي
زلزلي جي باري ۾.
حال چوندو چلائيندو، ڀيلي
مان فقير پينو آهيان.
مان هن وقت !
بدقسمت ڏهين سالين جو
هڪ حال آهيان.
خوشقسمت بنه ڪين.
ان زلزلي ۾ بچيل،
هڪ نياڳو انات.
ٽٽل ڦٽل هڏين وارو،
بيمارين جو شڪار،
ڏهين سال جو حال آهيان.
زلزلي ۾ بچڻ وقت،
صرف ڇهين مهني جو هوس،
قدرت جو ڪرشمو.

پڳوان پروسي

نندڙين ابهم نينگرين تي،
بلاتڪار ٿي رهيو آهي.
ٻرگس، نشي وارن پدارٿن جي واهپي،
ٻارن، جوانن کي بيڪار، بدحواس
بدزهن، بيهودو بڻائي ڇڏيو آهي.
روزگار جي تلاش ۾، پڙهيل لکيل جوان
وديشن ۾ پڄي رهيا آهن.
وديشي سيٺن جا غلام بڻجندا پيا وڃن.
ڇا ڀارت ۾ صرف
بيمار، ٻار، ٻڍا، نشئي، لاچار رهڻ لڳندا؟
اهڙي بيڪار آدمشماري،
ڪنهن به ديش لاءِ
شرمندگيءَ جو ڪارڻ آهي.
هوا ۾ آڪسيجن گهٽ،
ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو عدد وڌندو ٿي پيو وڃي.
ڪير اچ انهن مسئلن کان نجات ڏياريندو؟
ڪير؟ ڪير؟
نون؟ مان؟ اسين؟
مايوسي ۽ نراشا
نه مايوس ٿي ... نه نراش ’شبنم‘
شانت رهه،
ڇڏ سڀ ڪجهه پڳوان پروسي !!

آخرين خواهش

آخرين خواهش اڪر سوچڻ سان ئي،
عجيب احساس اُٿيو.
ڪهڙي آ منهنجي آخرين اِڇا؟
پڇاڙيءَ جي بچيل هڪ آرزو؟
تمنائن جي پيڙ جمع ٿي ويئي.
ڪيترو ڏکيو آهي
هاڻ هن پل ۾،
هڪ آخرين خواهش کي،
چونڊڻ، ڳولهي لهڻ؟
ان آخرين آرزو... سوچڻ سان ئي،
بيشمار خواهشون
اُبرڻ، مچلڻ لڳيون آهن.
هن گهڙيءَ کان اڳ...
ائين ته ڪڏهن نه ٿيو هو.
ائين پاسندو هو،
ڪابه آرزو ئي نه رهي آهي.
سڀ ڪجهه مرده مرده.
شايد ڪفن تاڻي ڇڏيو هو،
انهن باغي تمنائن.
اِڇائون جاڳڻ سان ئي،
ڪوئل ڇهڪڻ لڳي،
هبڪار پري هوا مهڪڻ لڳي.
چوڙي کنکڻ لڳي،
چيڙ چمڪڻ لڳي،
بندي چمڪڻ لڳي.
خبر ئي نه هئي اڇائون
ايتريون سنيون ٿينديون آهن.
ايتريون منڙيون! لذيذ
هونديون آهن خواهشون.
ننڊپڻ کان اڄ تائين...
خواهشن کي دٻائڻ،
آرزن کي دفنائڻ،
چاهي به نه چاهڻ،
جو پاٺ پڙهايو ويو هو.
خواهشن جو جنم يعني پاپ
ڪو غلط ڪم آهي.
اڄ! هن وقت... هن پل
ايمانداريءَ سان ٿي چوان
اِڇائن پوري ڪرڻ لاءِ ته
جيئڻ لاءِ
چاه پيدا ٿي رهيو آهي
نه خواهش
نه زندگي جيئڻ جو چاه،
موڳي، موتي، مرده زندگي.

جوڙ آتما

نہ ڄاڻ ڪيترن جنمن،
رُلڻ،
بار-بار جنم مرڻ جي
چڪر ۾ اٽڪندي اٽڪندي.
اڄ !
مون توکي،
سچائي ورتو آهي،
توکي حاصل ڪرڻ
جي پڪ ٿي.
۽ تون منهنجين
اکين کان پري
کسڪي رهي آهين.
اوجهل ٿي رهي آهين.
او! منهنجيءَ آتما جو
ٻيون اڌ،
هڪ حصو.
ڇا جنم رُلائيندي رهندينءَ ؟
وري تڙقائيندي رهندينءَ ؟
ستائيندي، روئاريندي،
مُنجهائيندي رهندينءَ ؟
وري جنمن جا جنم
اڻ ڳڻت، بي حساب جنم...

وحشي

ڪير آهن وحشي؟
جي ڌوڪو، فريب ڪري ڏڪائين، ڌمڪائين؟
يا سڀ آتنڪوادي؟ سڀ راجنيتڪ؟
جهوپڙپٽيءَ ۾ رهندڙ ڪاليڻا؟
جو شراب پي - پي،
ٿڪاوٽ، غصو پنهنجيءَ زال ۾
ٺارن تي ڪيندو آهي؟
صبح جو ٽفن کڻي
چُپ چاپ، ڪم لاءِ روانو ٿي ويندو آهي.
قاسيءَ جي سزا مليل ڪو هتيارو؟
ڪنهن سج ۾، ويران وادين ۾
رهندڙ ڪو ڌاڪو؟
سمگلر؟ ڪا ويشيا؟ ڪو سنياسي؟
ڪنهن ناريءَ جو ست ڀنگ ڪندڙ؟
ڪن، استرين کي ڌمڪائي.
فوٽ پاٿ تي ڪَهريءَ ننڊ ۾ سُتل
انسانن کي چيپائي، اُلٽ مارڻ وارو
ڪير هوندو آ وحشي؟
شبنم طئه نه ٿي ڪري سگهي
طلسمي سوالن جوابن ۾،
اُلجهي اُلجهي ٿي وڃي.

اڻ واقف

تون چترڪار آهين،
نرتڪي،
اداڪاره،
ليکڪا ۽ شاعرا به
جائي جم کان ئي.
نه ڄاڻ ڪهڙين
اُلجهنن ۾،
ڀوُل ڀُلئيان ۾ اٽڪجي
پنهنجي پاڻ ۾ ڀٽڪي
اجني، ڪُجهُ ٻي
بڻجي ٿي پوين.
ها! ڪائي ٻي،
جا تون نه هوندين آهين.
اڻ واقف، پنهنجو پاڻ کان.
اڻ ڄاڻ پنهنجي،
رچناتمڪ سڀاءَ کان.

ڏُک ڏوڙ

زندگيءَ ۾
ڪيتري ڏک ڏوڙ؟
ڪوئي وشواس نه رهيو آهي.
ڪوڙ، فريب - دوکو
سڀ ظاهر؛ ظاهر
شامل ٿِي رهيا آهن
ڪنهن جو غم گهٽائڻ
مسئلا دور ڪرڻ ۾
ڪير آ اڄ تيار؟
رهجِي ويو آ
نالي ماتر ۾ پيار ۽ آڌار.
پيار اڪر ڪوڪلو.
ڪير ڪري اعتبار؟
اسين سڀ راند جا رانديڪا
ڪٺپُتليون آهيون صرف، ڪوڙو وهنوار
ڪيون ڪنهن فرشتي جو انتظار
يا اچِي ڪو ڌرتيءَ تي اوتار
اڄ بيلِي!
هڪ ٻئي جو اندر سڃاڻون،
هڪ ٻئي جي انتر آتما ڄاڻون.
جيون جي ڏُک ڏوڙ گهٽايون!!

تون پاڻ ئي

تون پاڻ ئي رچنا آهين،
تون پاڻ ئي تخليل آهين.
توکي ڏسڻ سان ئي،
من مچلجي ويندو آهي.
رنگ ڦهلي ويندو آهي.
رنگين هر گهڙي،
سڀ ڪجھ هلڪو - هلڪو،
پيارو - پيارو لڳڻ لڳندو آهي.
ڪوئي بارُ،
ڳؤرو ڪونہ لڳندو آهي.
ڪوئي مسئلو،
تناءُ نہ ڀاسندو آهي.
ڪابہ ڳالھہ - ٻولھہ، بحث مباحثو،
وشيہ،
سؤلي، سڌي
بنان وڙ وڙاڪي
قدرتي، بنان بناوت لڳندي آهي.
ڇاڻ اٿيئي ڇو؟
ڇاڪاڻ جو تون پاڻ
بنا ڇل ول، بنا بناوت،
اصلوڪي، قدرتي،
سڌي سنواٽي سياوَ واري آهين.

خوشنما احساس

هڪ ننڍڙي،
پياري جيو کي
جڏهن نرس،
منهنجي ٻانهن ۾ سپرد ڪيو.
اُن روئندڙ جيو کي،
پنهنجين ٻانهن ۾ ڀري
مون جڏهن چُميو،
منهنجو سمورو وجود جهوميو.
پيٽ ۾ چرپر ڪندڙ،
قلابازيون کائيندڙ،
احساس ڏيندڙ،
”مان هن جڳت ۾
پڌاري رهيو آهيان“
تنهنجي شرير ذريعي.
تون ئي مونکي
خلقيندڙ آهين.
منهنجي رچنا ڪندڙ.
خوشنما احساس سان
ڀريل پُر اُهو پل...
فخر ڀريو اُهو گهڙ،
عورت هئڻ تي ناز،
ماءُ بڻجڻ جو احساس!

تون پاڻ ئي

تون پاڻ ئي رچنا آهين،
تون پاڻ ئي تخليل آهين.
توکي ڏسڻ سان ئي،
من مچلجي ويندو آهي.
رنگ ڦهلجي ويندو آهي.
رنگين هر گهڙي،
سڀ ڪجهه هلڪو - هلڪو،
پيارو - پيارو لڳڻ لڳندو آهي.
ڪوئي بارُ،
ڳؤرو ڪونه لڳندو آهي.
ڪوئي مسئلو،
تناءُ نه پاسندو آهي.
ڪابه ڳالهه - ٻولهه، بحث مباحثو،
وشيه،
سؤلي، سڌي
بنان وڙ وڙاڪي
قدرتي، بنان بناوت لڳندي آهي.
ڄاڻ اٿيئي ڇو؟
ڇاڪاڻ جو تون پاڻ
بنا ڇل ول، بنا بناوت،
اصلوڪي، قدرتي،
سڌي سنواٽي سياوَ واري آهين.

خوشنما احساس

هڪ ننڍڙي،
پياري جيو کي
جڏهن نرس،
منهنجي ٻانهن ۾ سپرد ڪيو.
اُن روئندڙ جيو کي،
پنهنجين ٻانهن ۾ ڀري
مون جڏهن چُميو،
منهنجو سمورو وجود جهوميو.
پيٽ ۾ چرپر ڪندڙ،
قلابازيون کائيندڙ،
احساس ڏيندڙ،
”مان هن جڳت ۾
پڌاري رهيو آهيان“
تنهنجي شرير ذريعي.
تون ئي مونکي
خلقيندڙ آهين.
منهنجي رچنا ڪندڙ.
خوشنما احساس سان
ڀريل پُر اُهو پل...
فخر ڀريو اُهو ڪڻ،
عورت هئڻ تي ناز،
ماءُ بڻجڻ جو احساس!

راحت

تڪايلن کي راحت ...
ڏي ٿي هيءَ رات.
سُسُ پُس ڪري،
پُڙ پُڙ ... پُٽڪندڙ،
هيءَ رات.
سڄو ڏينهن گوڙ گنبوڙ.
رات ئي تہ ڪري ٿي
تن من شانت.
تن ۾ ٻہ پلڄڻ لڳندو.
ڏيندي آ،
نارِي رچناتمڪ سوغات.
ڪارو ڪرڻ وارا،
سڄو ڏينهن
ڪارا ڪرتوت ڪندا رهندا.
رات جو ڇا هو انتظار ڪندا؟
رات کي چون لوڪ،
وشواس گهات.
خواب ڏيکاري، سپنا سجائي،
ڪري غم کي مات.
تڪايل کي راحت،
ڏي ٿي هيءَ رات.

موهه سان پريل پيار

موهه ۾ پيار
ڇا ٿئي هڪ آهن ؟
’ٿوَ اِن ون‘ معاملو ؟
نہ ... نہ ... بنهہ نہ.
موهه هڪ ڏهڻ،
اندر پيهندو وڃ.
اٽڪندو وڃ،
آشا - نراشا جي پينگهي ۾
لُڏندو وڃ.
هڪ پل جيئڻ،
هڪ پل مرڻ،
نہ ... نہ ... هر پل جڻ مرڻ
۽ پيار ...
روشن - روشن،
تيجسوي،
اٽڪڻ - لٽڪڻ،
پٽڪڻ - بهڪڻ بہ نہ.
اِڇا رهِت،
ڪنهن بہ نتيجي جو
محتاج نہ.
پيار پريو موهه ڳوڙهو ...
ها ڳوڙهو پهڻ جيان.

پيار هلڪو هلڪو جڻ ڦوڪٽو
ٻنهي علحدن
وزنن کي ڪٽي
ڪيئن هلي سگهبو ؟
هڪ هلڪو هلڪو جڻ ڪنيں،
ٻيو ڀاري پرڪم جڻ پٿر.
مڌر منو ... سنگيت.
موهه جي گپ گند ۾،
ڏهڻ ڏپ ۾ ڦاسندي ؟
يا امرت روپي پيار ۾
جيون ڀر اُڏامندو رهندين ؟
پيار جا خوشبودار
پشپ آنچل ۾ ڀري،
ديوداس جي پارو،
رانجهي جي هير،
مهوال جي سهڻي،
پنهوءَ جي سسئي،
راڌا ۽ ميران
امر ٿي ويون،
پيار ۾.

اچ !!

افسوس ! ٿيندو آهي،
سهڻ مشڪل،
روئاري ٿو وجي
ڪنهن جوان جي موت وارو گهر.
ڪير ؟ ڪنهن کي ڏي دلاسو
ڪير ؟ ڪنهن کي ڏي آٿت
گهر جو هر ڀاتي،
ڪٺي گهمندو آهي،
پنهنجن ئي غمن جي قبر.
زندگيءَ ۾ به
ڪنهن جي، نه ڪنهن جي
جوان ڀيرو خواهش
مري ويندي آهي !
ڪير ڏيندو، ڪنهن کي
کڙن لفظن ۾ دلاسو !
ڪير اُگهندو ڪنهن جا ڳوڙها ؟
ماتم مچندو رهندو آ
سوگوار دل هوندي آهي
پنهنجين ئي،
حسرتن جو موت ڏسي،
جوان خوابن جو موت.
اچ مان توکي تسليٰ ڏيان.

ٿورو آٿت،
تون مونکي ڏي.
گهڻو ڪجهه وڃايو،
جيڪو وڃايو،
گونگا ڳوڙها ڳاڙيل
اُن وڃايل، ڪسيل
خوشيءَ جي ياد ۾
اچ !
هڪ ٻئي جي زخمن تي،
ملم لڳايون.
ٿورن لمحن لاءِ،
هڪ غم کي پڄايون.
نه پرجندڙ خال کي
ٿوروئي سهين پرايون
هڪ ٻئي سان
ڪجهه پل گذاريون.

ويلنٽائين ڏي

چا ڪوئي به رشتو
سالن ۾ ڳٽيو ويندو؟
وقت سان ماپيو ويندو؟
مان هن جي ماءُ...
هيترن سالن کان.
پتا، پاءُ، ڀيڻ
هيترن، هيترن سالن کان.
پوءِ...
پريم جو توريو وڃي ٿو؟
ڳڻيو وڃي ٿو،
هيترا سال...
پريم جي ڳڻپ
ويلنٽائين ڏي...
اظهار!!!
ماپ، طور... ڳڻپ
پشچم!
وديش ۾ ته...
رشتا ٽڪن ئي نه...
فخر سان هوُ...
ٻن چئن سالن جو
ٽڪيل رشتو
ڳٽين، ماپين

ستن پيڙهين کان
هلندڙ هڪ رواج
جو هُنن جي...
مانسڪ سطح مطابق
واجب آهي
ڀارت لاءِ؟؟
اُهي ماپون ڪرڻ
ڪلڻ هاب آهن...
انتر آتما جو
آواز ٻُڌڻ،
وويڪي سڏائڻ،
وويڪ... موجب
رشتن کي نڀائڻ،
ڪنهن به ديش
جو نقل ڪرڻ
هڪ ڊوڙ...
پاڳلپڻ جي نشاني
’ويلنٽائين ڏي...‘

ٿوري ساعت ترسايو هن کي

ٻُڌو تہ هن کي ٿوري ساعت روڪيوس.
نہ ڄاڻ هوُ ڇا چوڻ چاهي ٿو.
نہ ڄاڻ - ڪهڙا ڪهڙا غم
نوسيل نوسيل پرجي ويا آهن،
هن جي من ۾.
سٺا آهن هن، ڏيہ ڏُکن جا.
نہ ڄاڻ ڪهڙا - ڪهڙا دٻ پريل آهن،
هن جي دل ۽ دماغ ۾.
الائي ڪهڙن اڻ ڄاتل
وهمن سان لڙي رهيو آ هوُ
اڪيلو ئي اڪيلو.
مري رهيو آهي هوُ.
اڙي! روڪيوس، جهليوس هن کي.
پيار ڪيوس، مٿي تي هٿ گهُمايوس،
ڪوئي دلاسو ڏيوس
متان، ايندڙ ساعت ۾
هارٽ اٽئڪ، برين هئمريج
جو شڪار نہ ٿي پوي هو.
ڪٿي آپگهات نہ ڪري ڇڏي
گُمراه، ذڪيل، سهميل،
متان ڪنهن عادت جو شڪار نہ بڻجي پوي
ٻُڌو تہ هن کي، ٿورو روڪيوس تہ هن کي.

هيءُ غم پرائو

ڪيترو هيٺ مٽيءِ تي
رهيا آهيون.
جنسي ٽپا پيا ڏيون،
پنھنجن ئيءِ سينگاريل گهرن ۾.
آرام ديه سوفن تي ويهيءِ،
پيٽ ڀري مانيءِ کائيندي
چپ چٽيندي،
ڪا چشڪيدار،
ڪا غمگين سوز ڀريل خبر،
ٽيءِ.ويءِ. تي ڏسندي، ٻُڌندي.
زلزلن ۾ قاتل، ٻوڏ ۾ ٻُڏندڙ
انسانن جا ڏُک پسي.
خيالن ۾ ڏُکيءِ،
ٿورا ٿورا ٿيندا آهيون.
هيءِ ڪجي، هوُ ڪجي.
چوندا به رهندا آهيون.
ڳالهائيندا رهندا آهيون.
بڪ بڪ ڪندا رهندا آهيون.
رنيل ڪجھ سٽون،
ھٽاڪن ڀريل لفظن ۾،
پنھنجيءِ روزانيءِ،
مشغول زندگيءَ جي

مشغولين مان آجا ٿيءِ،
ڪا مڙيئيءِ نئين وشيه
زلزلي ۾ قاتل، ٻوڏ ۾ قاتل
انسانن جيءِ هيٺيءِ حالت
ٽينشن ڪونهي پنھنجو
هيءُ غم
پنھنجو ته ڪونهي.
جتي باه لڳي،
اُتي سيڪ اچي.
پرائو غم، پاڻ وڃين ڇاٽين
خير !
ڪا ٽينشن واريءِ
ڳالھ نه آهي.

حادثا

هيءُ ڪهڙو زلزلو
ٿيندو رهندو آهي
اڪثر منهنجي وطن ۾؟
هيءَ ڇت، ديوارون
ڪرنديون رهنديون آهن.
ڪي ماڻهو روز ڏهڪي ويندا آهن
مرده - مرده محسوس
سي ڪندا آهن.
ايتري ۾ ڪوئي مسيحا
اڪثر انهن سيني کي
ڪُجهه سنگهائي
هوش ۾ آڻيندو رهندو آ.
اڌ مُئل جسمن کي
جاڳائيندو آهي
هوُ سڀ ڇُري - ڇُري،
اُٿي سگهندا آهن.
هڪٻئي کي همت ڀڙائيندا آهن.
هو زنده آهن.
هڪ ٻئي کي
احساس پيا ڏياريندا آهن.
پنهنجي پنهنجي وجود کي
جاڳائيندا آهن.
ڪٿان ٻه ڪا طاقت،
روح جي طاقت،
ڳولهي لهندا آهن.
آس پاس جي گندگي
هٽائيندا آهن.
جيئڻ جو
سامان ڪٺو ڪندا آهن.
هُنن جا لب،
مسڪرائيندا آهن.
۽ حادثن کي
ڇُنڪين ۾ وساري
’اڳتي وڌو‘ جو نعرو
بُلند ڪندا رهندا آهن.
چند ڏينهن، مهنن
يا سالن ۾
وري هڪ زلزلو،
وري هڪ حادثو،
دُهرائجندو رهندو آ.
وري هڪ حادثي جو
شڪار ٿيندا آهن.
ڪنهن ڍير ۾ ڏهڪي،
پنهنجو پاڻ کي پسندا آهن.

پَلَ

هر لمحو جُڙيِ - جُڙيِ
هڪ آزمودو بڻجندو ويندو.
هر پَل
جيون جو ڪو رنگ ڏيکاريندو ويندو.
هر پل،
سانت ۾ رهڻ جو
پيغام ٻُڌائيندو ويندو.
ڪوئيِ نہ ڪوئيِ
اندر ۾ گيت سٽائيندو ويندو.
هر پل ۾ جيئڻ
سکون پيا ڳا اسين
هوُ پل کهڙو ڀيانڪ هو
هيِ پل پيارو - پيارو
هيِ پل جيون کيِ،
شونيہ بڻائيندو ويندو.
سک دک جو سنگم
لمحا - لمحا سيکاريندا ويندا.
هيِ پل تہ منهنجو پنهنجو آهي،
هڪ پيارو سپنو آهي،
هڪ منيِ مڌُر ڪلپنا آهي.
هيِ پَلُ تہ منهنجو پنهنجو آهي.

پيار ۽ پاڳلپڻ

چون پيا،
پيار ۽ پاڳلپڻ ۾ تفاوت آهي.
پاڳلپڻ ڪانسواءِ پيار ڪيئن ٿيندو؟
پيار بلڪل
نج پيار ٿِي هئڻ گهرجي.
ماپ طور،
ڪجھ تقاضائون،
واڌو، ضرب ۽ ونڊ،
ڪٿي ٿيندو آ محبت ۾.
باھ جي تپش،
ديوانگِي، مدهوشِي، بي خودِي.
دنيا، پد، پئسا
ڏي - وٺ
سؤداگرن واري اُلفت
اهڙِي اُلفت اَنڌي ڪٿي؟
ماپڻ واري
پاپ ۽ پاڪيزگيءَ ڪي
سماج، رسمون، رپيا
سوچي سمجهِي فيصلو ڪرڻ.
پيار محبت
ڪل مسخرِي لڳِي رهيو آهي.
ڇا پيار ۾ ديوانگيءَ جي
ضرورت ڪونهي؟

هنن جي انهن ڪوشش
۾ سائي،
جسم ڪٿي هو رهندا آهن.
آتما ئي آتما،
ٿي پوندا آهن.
روشن - روشن،
روح جي طاقت،
هو پائيندا آهن.
نہ ڪنهن جي ڏيڻ ۾،
۽ نہ وٺڻ ۾.
ڪنهنجو بہ، نقصان نہ ڪندڙ.
هنن کي پنهنجي ئي
پريشانين مان،
فرصت ئي ڪٿي؟
هوُ تہ فقط
پيار ۽ امن جا گيت
ڳائيندا آهن.
اُهي بس پيار ۽ امن
جا گيت ڳائيندا آهن.
رب جي اڳيان
هٿ ڦهلائيندا رهندا آهن.
سڀ جا خير
هو منائيندا رهندا آهن.
عبادت ڪندي
سيني سان
ملڻ ويندا آهن.
محبت ئي محبت
پريل رهندي آ،
هنن جي سينن ۾.
هر انسان جي لاءِ
نفرتن جي سائي ڪان بہ
دور هوُ پهچندا آهن.
نہ شڪوو نہ شڪايت
نہ بُرو سوچين ڪنهن لاءِ
سيني جي دعا لاءِ
هٿ هو کڻندا آهن.

ڪلڻ

ڪلڻ سان جيون جاڳي،
پورو جهان خوبصورت لڳي.
ڪلڻ جي هتي آهي ڪمي.
هر اک ۾ آنسوءَ جي آلاڻ.
ڪلڻ سان عمر وڌي،
زندگيءَ لاءِ پيار وڌي،
وڪار نڪري وڃن سڙيل،
نوان جذبا، خيال اچن.
پرماتما ڪليو،
سرشٽي بڻي.
ڪِل خوشيءَ جي برکا برسي.
ڪلي ڪلي ڏک پڇايون،
پنهنجي من جا سُک جاڳايون.
ڪل بنان ڪپٽ، بنان سوارٿ هجي،
ڪنهن جي نه دل پڇڻ واري،
پنهنجن اوڳڻن تي ڪلون.
پنهنجين غلطين تي ڪلون.
پنهنجو پاڻ تي ڪلون.
دکن تي ڪلون.
ڪلڻ سان جيون جاڳي،
پورو جهان خوبصورت لڳي.

اڻ ڄاڻائپ ۾

اڻ ڄاڻائپ ۾،
خيالن جي چڪرويوهہ ۾،
ڦاسندي - ڦاسندي
ٿڪل، نراس
اُداس ٿيندو رهڻ.
وڃائيندو رهڻ پنهنجيون ننڊون،
پنهنجيون مُسڪراهٽون،
پنهنجيون چاهتون،
مذهب، آتنڪواد، بک، بيروزگاري،
مجبور انسان جون لاچاريون.
ناريءَ جي هوسات
نہ ٽُٽڻ واريون
رسمون پڄڻ.
دنيا ۾ جا سڀ مسئلا،
پنهنجا پنهنجا
محسوس ٿيندا آهن
اڻ ڄاڻائپ ۾.

ڪنارا

تنهنجيءَ دنيا ۽ دل تائين،
پهچي نٿو ڪوبه منهنجو رستو.
اڄ تائين هيترن سالن ڪانپوءِ،
خاموشيءَ ڪانپوءِ چوان ٿي،
منهنجو توسان ڪوبه
ڪونهي واسطو.
اسانجا ويچار، سوچڻ جا ڍنگ،
منزل، مقصد ۽ ماحول،
سڀ علحدا - علحدا،
نه ڄاتل، نه سڃاتل،
نديءَ جي ٻن ڪنارن جيان،
صدين کان اسين الڳ پيا هلون.
الڳ - الڳ
ها، هڪ پُل ٻڌجي ويئي آهي
اسان ٻنهي جي وچ ۾.
انهن ٻن ڪنارن کي جوڙڻ وارو،
اسان ٻنهي جو مفاصلو
مٽائڻ وارو.
اِها پُل ايتري پڪي
۽ مضبوط آهي
ان کي ڀڃڻ تنهنجي منهنجي
وس جي ڳالهه نه آهي
منهنجا ساٿي!
جو ته هي پُل ٺهيو آهي
نه ڄاڻ ڪهڙن
جنمن جي رشتن،
بيشمار آشيروادن سان
پرماتما ۽ وڌاتا.
نه ڄاڻ ڇو؟
وڌاتا جي ان
ٻنڌن کي ٽوڙڻ جو
راڪشسي ساهس
نه ٿي رهيو آهي
توکي ۽ مونکي.
ان لاءِ بنان اڇا جي
هڪ ٻئي سان گڏ
ٻڌجي هلي رهيا آهيون.
ٻن الڳ - الڳ ٿيل
نديءَ جي ڪنارن وانگر.
جي ڪڏهن به
گڏ نه ٿيندا آهن.
هلندا رهندا آهن،
هڪ ٻئي کان جدا هوندي به.

من پکيئڙو

ننڊ نہ اچي،
ڳالھہ نہ وڻي.
ڇا چوان مان،
ڇا ٿيِ ويو مونکي؟
راه تڪيان تہ
چئن نہ اچي،
چار پھر
من پيو منجھي.
چتر نہ وڻن،
متر نہ وڻن،
بنان ڪارڻ اکڙيون جُھڪن.
من ڌرڪي،
اکيون ھرجيِ اچن.
ولِي اچي، ڪوئيِ ولِي اچي،
وئڊ کي ولِي اچي،
من پکيئڙو ڪنبي ٿو،
حيران، گھبرائي.
جھانجھر نہ جھنڪي،
بنديا نہ چمڪي،
چمڪن نہ منھنجا جھُمڪا.
سيتل هير ۾ بہ لڳي اگن،
پراڻ پکيئڙو نہ اُڏاميِ وڃي.

آستان

هن دل کي درد جو
آستان بڻائي ڇڏيو اٿم.
هن درد ۾ دنيا ڀر جو
درد سمائي ڇڏيو اٿم.
سور ته دل ۾ ٿئي
بي انصافيءَ ۽ ڪوڙ کي ڏسي.
هن دل کي حقيقتن جو زهر
پيئڻ جي قابل بڻائي ڇڏيو اٿم.
هن دل ۾ تنهنجي محبت
ڪافي نه آهي اي دوست!
ان کي ته مون،
عبادت جو آستان
بڻائي ڇڏيو اٿم.

ٻُڌاءِ! تون ڪير آهين؟

بيجان ڪمري ۾ ٻه
جان تون پري ٿي ڇڏين.
جتي خزان جو آ راڄ،
بهار آڻي ٿي ڇڏين.
ٻُڌاءِ تون ڪير آهين؟
چا، ڪنهن جي
دعا ته نه آهين؟
ٿڪل ھُجي ڪو مُسافر
تتل مِن سان
هُن کي آرام ٿي بخشين.
ٻُڌاءِ تون ڪير آهين؟
چا، چانوَ ته نه آهين؟
ڳولهين پيا ڪي، تلاشين پيا
ڪي حاصل ڪن، ڪي وڃائين پيا
ٻُڌاءِ تون ڪير آهين؟
ڪٿي منزل ته نه آهين؟
غم ۾ ٻڏل هوس
پورو ئي پورو، سمورو
مايوسين تي
ٽهڪڙن جا گُل وسائين ٿي،
ٻُڌاءِ تون ڪير آهين؟
چا، خوشي ته نه آهين؟

سُکُ

سُکُ ڇا ۾ ڳولهجي ؟
ناريءَ جي ڪاجل ڀريل اکڙين ۾ ؟
بادل جي رس وسائيندڙ بوندن ۾ ؟
جهر جهر جهرڻي ۾ ؟
سر - سر نديءَ ۾ ؟
ڪڙڪبيتن جي آوازن ۾ ؟
چيڙ جي چمڪڻ ۾ ؟
قدرت جي ڪڻ - ڪڻ ۾ ؟
ڪنهن جي نسوارت پيار ۾ ؟
ڳولهجي من جي ڪُندن ۾ ؟
قدرت جي چپ خاموشيءَ ۾ ؟
گيتن جي گونجارن ۾ ؟
ٻارن جي مُسڪانن ۾ ؟
مزورن جي ٿڪان ۾ ؟
لهرائيندڙ کيتن ۾ ؟
شايد !! شايد نه پڪ ئي
سُکُ آ منهنجي اندر ۾.
ڪنهن ٻيءَ چيز ۾،
ڪنهن تي مدار نه رکندڙ،
آڌار رکندڙ مٺُر نه آهي.
بار - بار آتما احساسي،
ائين مونکي پيو ڀاسجي،
سُک آ منهنجي اندر ۾.

شڪتي

منھنجو اُتساھ
سموري طاقت،
ڪنھن ڇڻ چُوسي
نستو ڪري ڇڏيو.
مان ٿڪل، ٽُٽل،
مردھ، مايوس
مرٽينگہ رفتار سان ھلندي
پپل جي وڻ ھيٺان ويھي رھيس
ساون - ساون پتن کي ڏسي
ھوا جي جھوٽي جو
ھلڪو ڇھاءُ
پن کڙ - کڙ ڪندا رھيا.
کڙ - کڙ
مڌر تال - ليہ ۾ بدلجي ويا.
پاسي واري مندر جون مورتيون
ڄڻ تہ
لاسيہ، نرتيہ نچڻ لڳيون.
پوتر وايومنڊل ۾،
نس - نس منھنجي
خوشي، شڪتيءَ سان ڀرجي ويئي.
تيج ۽ پرڪاش، روح ۾ روشني،
نس - نس ۾ سمائجي ويئي.

سمرپت

خلا ۾ گهورڻ وارين نظرن سان
تو جڏهن مونکي گهوريو،
تہ مان ڏکي ويس.
اهڙي ٿرٿراهٽ جو
مونکي احساس
جنمن ڪانپوءِ پوءِ ٿيو.
تون چاتڪ وانگر
مونکي نهاريندو ئي رهين.
هڪ من هئي جي
ٻولي پڙهي ورتي.
هڪ انوکي دوستي ڪئي.
تون آئين، ڳالهائڻ لڳين
مان سر ڪان پير تائين
هڪ خمار ۾ ڪوهجي ويس.
چڻ ڪنهن تندرا ۾ سمهي پيس.
تنهنجو آواز گونجڻ لڳو دور دور
پريت جي غفائن مان
مان موهت ٿي ويم.
هڪ پل جو ساٿ هو ساٿي
عمر اُتي ئي بيهجي ويئي
صدين ڪانپوءِ
مان چڻ
پٿر مان ناري ٿي پيس.
اهليا ٿي پيس.
ڦُٽي آ چڻ،
ڪنٺ مان واٽي،
تيز رفتار سان آهي،
هٿ جي رواني.
جهر - جهر ڪويتا ٿي لکجي،
سر - سر قلم ٿو هلي.
هڪ پل ۾ مان،
تنهنجي
ويجهي ۾ ويجهي ٿي ويس
هڪ جذباتي، بانوري ڪڪري
سمرپت ٿي ويئي.

هن سال

اڄ ! هن سال
پنهنجو پاڻ سان
گڏجي آيس.
وڇڙي سال ٿيا،
پنهنجي ننڍپڻ کان
ننڍپڻ کي گڏجي آيس.
وساريل ڪن گهٽين کان،
ٿي آيس.
ياد اچي ويا ڪئي رانديڪا.
ٻگهل هاٿي،
پياري ڳُڏي،
صدي گهوڙو.
ٻايو، ساوتري،
رضيا، ڪوشي،
ساهيڙين جو ميڙ.
ڪونو، ڏمن،
پرڪاش، پانڊو،
ٻال مترن سان،
ايئي ڏکر رمي آيس.
ڳُڏي ڳُڏيءَ جي راند ۾،
ڪوڙ ٻچ جي روٽي،
ڪائڻ، رُسڻ، پرچڻ
وري سرچڻ.
مان پينگهن ۾
لُڏي آيس.
ساوڻ جا گيت
ڳائي آيس.
نوڙيءَ جي راند
اُبتا سُبتا ٽپا ڏيئي
چدا، ٻگهل چوڙين جي راند.
ڪاغذ جي ٻيڙيءَ کي
برسات جي پاڻيءَ ۾
هلائي آيس.
لڪ ڇپ،
ٻت پتاڻي،
ونجھ ونجھوٽي،
اکين تي رئو ٻڌي
پڪڙا پڪڙيءَ ۾
هُن کي پڪڙي آيس.
هن سال
پنهنجي وڇڙيل ننڍپڻ کي
مان گڏجي آيس.
مان ڪير آهيان ؟
سمجهي آيس.

ڪچي پيڙه

زندگيءَ جو پورو حساب ڪتاب،
نہ ڄاڻ ڪٿي غلط ٿي ويندو آهي.
ڪٿي ضرب ڪرڻ وسريو وڃي،
نہ ڄاڻ ڪٿي ونڊ ڪرڻ شروع ڪريون.
ڪٿي ڪاٽو ٿي ويندو آهي،
جتي ضرب ڪرڻ کپي.
حسابن (مئٿس) جي پيڙه
ڪچي هئڻ ڪري،
پوري زندگيءَ جي
پيڙه ئي ڪچي ٿي ويئي.
هاڻ تہ،
بي مقصد، بنان ڪنهن منزل
ارادا ڪوهيڙي ۾ لپٽيل،
نہ منزل، نہ ماڳ، ڇڙو
بنان مطلب ٿو لڳي جيون.
ڪيئن سُلجهايون ؟
اُلجهيل، اُلجهيل سڀ تندون.
ڪٿي، ڪيئن سُڌاريون ؟
هاڻ هن عمر ۾،
حسابن (مئٿس) جي ڪچي پيڙه ڪي ؟

ڪهڙي دنيا؟

ڪهڙي دنيا آڻڻ ٿي چاهين
تون هن دنيا ۾؟
تنهنجيون ڳالهيون ته
سمجھ ۾ ئي نٿيون اچن.
تون ته بيچئن آهين،
پريشان هن دنيا ۾،
جو ٻين کي پريشان پئي ڪرين؟
هُو ته آهن مخمور پنهنجي ئي دنيا ۾،
جا محدود آهي.
جو تون ھُن کي
پنهنجيءَ لامحدود دنيا ۾،
آڻيندي پئي وڃين؟
ٻين تي نه سهين دوست
تون پاڻ تي ته رحم ڪاءُ.
ورهين ڪان ٿورو آرام هو توکي،
پوءِ جو آتش سان،
دامن جلائي رهي آهين؟
آگاهه ٿي ڪريان توکي،
ٿورو ته رحم ڪر.
پنهنجي ستايل عمر تي،
پنهنجي ئي حال تي.
ڪهڙي دنيا آڻڻ ٿي چاهين
’شبنم‘ تون هن دنيا ۾؟

سپ ڏسن

مان ٽي.وي. تي نظر اڇان،
ماڻهو اسانکي ڏسن.
نيتا، ائڪٽر، چور، ڌاڪو،
آتنڪوادي، ڪلاڪار، شاعر،
ٽي.وي تي مونهن ڏيکارڻ لاءِ وياڪل.
ڪپڙن کان محروم ٽي،
ڪيترن ئي سٺن گهرن جا چراغ،
ڊوڙن پيا، پڇن پيا پريشان - پريشان
ڪوئي انهن کي پسي،
ٽي. ويءَ جي وسيلي
ناڻو ڪيترو به ڪماءِ،
پورت پوٽي ته ڪونهي
آسمان کي ڇُهڻ واريون اڇائون.
اُلجهيل - اُلجهيل،
مُنجهيل - مُنجهيل،
ٻٽائي ٿيون چڙين.
سپ ڏيان ڏين، ماڻهو ڏسن،
کهڙا ڪهڙا باندرن جهڙا
تماشا سپ ڪن ٿا.
پل جا تماشا، ڪيتري طاقتمند آشا،
ٽي.وي. تي اسان کي سپ پسن.
هاءِ ڏيان سان اسانکي ماڻهو ڏسن.

ساڪشي

ڪاٻه شڪايت نه ماضيءَ سان،
نه ئي ڪا اُميد ڪنهن مستقبل مان.
منهنجي ڇيل ڳالهين مان
ڇا نا اُميديءَ جي بوءِ ٿي اچي؟
مڙيئي اونده ۾ تير پيئي ڇوڙيان؟
نه سنگهان پئي ٿي سچ ڪي.
ڪاٻه بي ايماني ڪونهي
منهنجي من ۾.
يا پنهنجي ضمير سان
ڪاٻه اُن تڻ، مونجهه،
اُٿل پُٿل ڪونهي.
ڇو پلا ايتري شانتي؟
بس ائين ئي ڪوبه جذبو ڪونهي.
بلڪ ڪوبه جذبو ڊپ نٿو پئدا ڪري.
اڏول! ڇو؟
ڪيئن ايتري اڏول ۽ شانت؟
بس! ائين ئي،
اهڙي حالت ڪيئن ٿي؟
ڏُک ٿي رهيو آهي توکي
نه، پڪ آهي، شڪ نه آهي
سڀ ليلا آهي فقط هن پل ڀر جي.

چوي ٿي

چنبڙيل - چنبڙيل،
لڳي - لڳي،
هوءَ هُن سان رهندي آ.
توکي پيار نہ ڪندي آهيان،
اڪثر هوءَ چوندي رهندي آ.
هوءَ بار - بار
ڇو دهرائيندي رهندي آ؟
ڪوڙ کي ڇو سچ بڻائيندي
رهندي آ؟
هر ساه ۾
هُن جي سمايل رهندي آ.
دل جي ڌرڪنن ۾،
وسيل هوءَ رهندي آ.
توسان پيار نہ ڪندي آهيان،
هوءَ چوندي رهندي آ.

ٻهانن جون ڏاڪڻيون

خوشين کي سڏائڻ لاءِ لڳائڻيون پونديون آهن
ٻهانن جون ڏاڪڻيون.
خود بہ خود تہ اينديون ئي ڪونهن،
پلي ڳڌري وڃن، سوين پيڙهيون.
هر ڏڻ ملهائڻ،
هر پل کي پيار ڪرڻ،
هر پل کي ٻچڪاريون ڏيڻ.
نڪري وڃن زندگيءَ جون،
ڏکن جون ڏکہ مجبوريون !
تنهنجو، منهنجو، هُن جو،
جنم ڏن ملهائڻ.
هي ڏيڻ، هو خريدڻ
خود کي، ٻين کي
ڏکہ ڍير سوکڙيون ڏيڻ.
نڪري وڃن جيون جون بيچئنيون
خوشيون آهن بيوفا
البيليون، شرارتي
جي سڏين اُنهن وٽ تہ اچن ئي نہ
ضدي بيحد، هوڏي، هليليون.
ان ڪري چوي ٿي ’ اندو‘
خوشين کي منائڻ لاءِ، پرچائڻ، ريجهائڻ لاءِ
لڳائڻيون پونديون آهن
ڪئين ٻهانن جو ڏاڪڻيون.

خيال

هيءُ خيال...
تہ ڇا سچ پچ هو
حالتن جو شڪار ٿيل،
مجبور محتاج،
هڪ غلام زندگيِ گذاري رهيو آهي.
هڪ بندو بيوس؟
يا
پنهنجيءَ مرضيءَ جو مالڪ.
هن هڏائين پڇري جي،
خيالن ۾ ڪڏهن نفرت،
ڪڏهن محبت، ڪڏهن موهہ،
ڪڏهن وئراڳ، ڪڏهن آسائش - آرام
ڪڏهن آڪاش ۾
اُڏڻ جو اُمنگ ۽ اِڇا.
ڪڏهن اُلجهيل، ڪڏهن سُلجهيل.
ڪڏهن آزاديءَ جو سمورو احساس.
تہ ڪڏهن غلاميءَ جي بيوسيِ لاچاريِ.
هيءُ خيال
ڪهڙن احساسن جا سئر ڪرائيندا رهن ٿا
جنهن ڪي سڳوري ساميءَ
’ڦرنو‘ چيو آهي.

هيءُ سال

پاڻ کي ڪوٺي
ڪجهه ڳولهڻ،
تلاش لڳو آ ڪو شخص.
ڇا نڪري آيو آهي
پنهنجين
گذريل سال جي
ڪجهه ڪمزورين مان ؟
ڇا وڃايو ؟
حاصلات ؟
اڳتي وڌيو يا پُٺتي ويو ؟
اندر ئي اندر،
ڪنهن ٺهڪ ڏيندي چيو،
حساب ڪتاب ڪرڻ تي دل نٿي وريم.
گذريل سال جي حاصلاتن کي،
جوڙ - ڪٽ ضرب - ونڊ ڪرڻ تي.
ڳٽت گياني تہ نہ آهيان،
ايترو پڪ آ
هن پل آنند ۾ آهيان.
۽ بس !
ڪنهن شونيہ ۾ رهيل من
شانت ... ماٺ
هن پل ويندڙ سال جي
هن پل ۾ ...

دلاسو

آسمان جڏهن ٽُڪ اُڇليندو آ،
زمين ڳار ڏيندي آ.
قبرون منهن موڙي
ڇڏينديون آهن.
ڪانيون مساڻ ۾، چتا ۾
جلڻ کان انڪار ڪنديون آهن.
تڏهن پنهنجي آتما،
پنهنجو پوتر وويڪ،
دلاسو ڏيندو آ...
تون نردوش آهين.
معصوم... بي گناه
تون اڪرتا آهين.
پيڙ جو هڪ حصو نہ بڻجي،
عام نہ بڻجي،
تو خاص هئڻ جو رستو چونڊيو.
روائتي وهڪري کان منهن موڙيو.
ليڪن ۽ گهيرن ۾ نہ هلين.
تنهنجا دائرا، مقصد، منزلون،
ماڻ - ماپا الڳ آهن.
باغي آهين، غلام نہ آهين.
تہ ڇا ٿيو تون اڪيلو آهين؟
اهو تہ جيئڻ جو هڪ انداز آهي.

اسين ويچارا

هرهڪ گهر لاءِ ٽي.وي. رکڻ
لازمي آهي ڀارت ۾ اڄان تائين.
ڀائرن، ڀينرن، ماءُ پيءُ، ڏاڏي، ڏاڏيءَ
سسُ سهري، ڏير، نران
ٻارن ٻچن وارا گهر اڄان تائين موجود آهن.
ناريءَ جو ڪهڙو روپ ڏيکاريو پيو وڃي؟
زيورن سان جهنجهيل،
چمڪندڙ، گهرن رنگن وارا ڪپڙا.
ڪجهه پڳوان بڻيل ناريون،
ڪي شيطاني سازشن سان ڀريل خطرناڪ ارادا.
خوفناڪ حرڪتون، واهيات ڳالهيون.
جوان ڪمسن نينگريون،
واهيات اِشارا ڪندڙ.
هيءَ ڪهڙي سينا گهسي آئي آهي؟
چپ چاپ ڏسيل آهڻ سان
سمڪ ئي نه پئي
گهر، گهر ۾ رکيل هڪ ڏهو يعني ٽي.وي.
ڏسندي - ڏسندي اهڙا رنگ ڏيکاريندو.

آزمودو

جيون ۾ ٻل ڏيڻ واري،
هر چيز کي، هر آزمودي کي،
پرماتما جو درجو ڏيڻ گهُرجي.
ڪوئِي نہ ڪوئِي ڇُهندڙ آزمودو،
من کي ڌوڏي ڇڏيندو آهي.
ڪجهہ نہ ڪجهہ نڪرِي ايندو آهي.
اندرين اچيتن من مان،
انتر آتما مان.
سمنڊ ولوڙڻ سان جيئن،
علڪدو، عجيب، بيحد قيمتِي،
ڪو آزمودو،
ڪؤڙو هجي يا مٺو،
آخر آزمودو آهي.
جو پيارو،
نيارو ۽ ڏُلارو آهي
نصيحت آميز، شڪتِي دايڪ،
طاقتمند
هڪ آزمودو،
هڪ اُستاد، گُرو.

مُرڪڻ جو ڪارڻ

ڇا رهجي ويو آ؟
ڪو به اهڙو سبب
ڪو ڪارڻ
هن زلزلي ۾ گهائل،
ڏکيل، سهميل
بي گهر،
بيڪار، بيمار
لُٽيل، تباهه، برباد
جيون ۾ ڪو به،
بي فڪر لمحو.
ڪا،
هڪ ٽُڪرو مُسڪراهٽ.
ڪٿي ڪو خوشحال ٽهڪ.
ڪا ڏهيل،
هڪ هلڪي،
مُسڪراهٽ جو ڪو به ڪارڻ؟

مُٺ ۾

جڪڙي رکجانءِ، پڪڙي رکجانءِ،
هٿ جي مُٺ ۾،
هر ڪڻ، هر ساعت، پل کي.
ها، پنهنجن پيارن جي ساهن کي بہ.
ڪيستائين؟ جيستائين هنن جا ڦڦڙ،
آڪسيجن جي گهٽتائيءَ ۾، ساهہ ڪڻڻ ئي ڇڏي ڏين.
جڪڙي رکجانءِ، سائين
ڪام، ڪروڌ، موهہ، لوڀ، اهنڪار کي.
تياڳ پاونا اصل نہ رکجانءِ، سائين
ڪيستائين؟ جيستائين بيشمار جنم تون ڏاريندو رهين.
وشين، واسنائن ۾ موهہ رکہ.
چنبڙي پؤ پنهنجي ڪرم پراڻين کي.
اصل موهہ جي ڏهڻ ۾ ڇلانگ لڳاءِ.
مضبوط مُٺ ۾ بند ڪر،
هر يادگيريءَ کي، هر لفظ کي.
جيستائين دماغ توازان نہ وڃائي.
پنهنجو سياءُ نہ ڇڏ، پاڻ نہ بدلاءِ،
پنهنجو ئي گهر تون جلاءِ.
پڪڙي رکجانءِ، جڪڙي رکجانءِ،
پنهنجن پيارن جي ساهن کي.
ڪوئِي نہ هٽجي، ڪوئِي نہ گهٽجي،
پنهنجن کي ڀاڪر ۾، ڦٽڪائي - ڦٽڪائي تون مار.
تنهنجي ئي مُٺ ۾ نڪري اُنهن جو ساهہ.

مان اُڏامان؟ مان اُڏامي وڃان؟

مان اُڏامي وڃان
ڇا اُنهن جو وڃي ٿو؟
جو مونکي اڻ ڇاهيل بندنن ۾ جڪڙي ٿو؟
مان لهري آهيان،
ڌرتيءَ کان پور اُڏامڻ چاهيان.
ڪوڪن سان ڪُتل،
قيد ۾ مان آهيان.
جيون ۾ ڪوئي بندن بہ،
مان سهي ڪونہ سگهان.
اُڏامي - اُڏامي،
آڪاش کان بہ دور هلي مان وڃان.
ڪيئن آهن؟
ماڻهو ڇا پيا ڪن؟
هڪ پل تہ ڏسي اچان!
هن ڌرتيءَ تان منهنجو من
هاڻ ڪجهي ويو آ،
گگن جي گهراين ۾
من ٻُڏي چُڪو آهي.
گگن کان بہ دور
اُڏامڻ مان چاهيان،
اُپ کان بہ پري
ڏسڻ مان ٿي چاهيان.

ڊبيل پير

هر لفظ لڪل خنجر آ هُن جو،
چالباز آ،
چالبازِي هُن جي هر اکر ۾،
ٽڪجي ٿو پئجي،
اُجهامي ٿو وڃجي،
هڪ، هڪ الفاظ کي ٻُڌي.
هوُ حاڪم،
اسين هُن جي حڪومت،
بس! ڪنڌ جهڪائي،
حڪم بجا آڻڻو آهي.
هرهڪ کي غلام، بڻجڻو آهي.
ڪنهن جي روپ ۾،
کهڙو راڄنيتڪ لڪل،
ڳولهڻ مشڪل آهي.
دهليءَ تائين ئي راڄنيتِي
محدود نہ آهي.
گهٽيءَ - گهٽيءَ،
گهر - گهر ۾ پهتِي آهي.
مان تہ چوان ٿِي،
رنڊڪي ۾ بہ راڄنيتِي،
ڊبيل پير اڄ پهتِي آهي.

نوُراني بوند

'شبنم' ماڪ ڦڙي کي ڇا
ڪنهن مُٺ ۾ بند ڪيو؟
ڇُهڻ سان ئي وجود هن جو
ختم ٿي وڃي.
مٺ ۾ جڪي پڪڙڻ وارو،
مايوسيءَ ۾ ٻُڏي ويو.
ويچارو ٻڪرن ۾ پئجي ويو.
ماڪ جي نوراني بوند کي،
پيئڻ سان اُڃ نہ ملجي.
گُلن جي چمن جي مُرڪ آ هوءَ.
ٽاري تي ٽلندڙ، جرڪ آ هوءَ.
پنهنجي پاڻ جي سڃاڻپ آ هوءَ.
مائريءَ ۾ ڪڙڪبيتو پڪڙي،
هٿ ۾ روشني ڪرڻ وارا
'شبنم' کي ڪو
ڪرڪبيتو سمجهندڙ،
تنهنجي اِها اياڻپ آ هوءَ.
ساوڪ، هوا، رب آ
اسم ذات آهي هوءَ شايد
جنهن کي ڇُهي نہ
صرف محسوس ڪري سگهبو آ.
پيار 'شبنم' جو،
چمن جي هر چيز سان آ.
گُل، پن، ٽاريون، وڻ
اُنهن تي ويهي هوءَ
چمڪائي ٿي.
رات پر 'شبنم'
چيڙ پنهنجي چمڪائي ٿي.
نہ ڏڪائي ڪنهن کي
نہ ڏمڪائي ٿي.
نہ ڪنهن سان زور، زبر
نہ ڪنهن سان رنج، زيادت
هن جو هر ڪم عبادت.
اي شخص! 'شبنم' کي ستائي،
نہ ڪر خريد زواليت
هر ساهہ ۾ هُن جي
سوهم آهي.
هن جي نس - نس ۾،
امن ئي امن آهي.
آباد رهي مُرڪ سان،
هن جو گهر چمن آهي.
هڪ نوُراني بوند،
جنهن جو نانءُ 'شبنم' آهي.

خوبصورتي

وقت ڪيترو نہ سنگدل آهي ظالم،
چهري تي ناپسند گهنج،
ڪارا وارا بلڪل اڇا ناگوار،
ڪُسيل وار، گنجو مٿو،
ٽنگون ٻانهون بدصورت،
ٿُلهيون، بدزيبيون، ڏنگيون ڦڏيون.
اندريون من ناڪاري ٿو،
ان بدن جي بدصورتيءَ کي.
ان شاريرڪ سونهن جي بدلاءَ کي ڌڪاري ٿو.
قبولڻ لاءِ بنه تيار نہ.
۽ ايتري ۾ ڪو ڪن ۾
پڙ - پڙ پڙڪار ٿو ڪري،
تون ڪيتري خوبصورت آهين.
واسنا رهت اُهو آواز جڏهن هوندو آهي،
تہ دل گدگد ٿيندي آهي.
اڙي! هُن ٻاهرين نہ، اندر جي
خوبصورتيءَ کي پرکيو آهي.
اندر جي آتمڪ خوبصورتيءَ
جي لاٽ کي پرکي،
ٻئي آتمڪ ساٿيءَ،
اُن خوبصورت پرندڙ لاٽ جي خوبصورتيءَ کي
ڪنهن آتمڪ ساٿيءَ، سڃاتو آهي.

مونجهه

مٿن مائٽن جي ميڙ ۾،
ٿئي ٿي مونجهه گهٽي.
هيءُ تنهنجو، هيءُ منهنجو،
ڪوئي نه ڪوئي سوارٿ، ڪا نه ڪا دشمني.
من ۾، وهنوار ۾ ڪي چيندڙ - وڏا ننهن،
لڪل لوه جو چنبو، دل طرف وڌندڙ.
بس موقعو مليو، ننهن ۽ ڏندن سان،
دل جي ڪنهن حصي کي
رتورت ڪري ڇڏين.
جلائي رک ڪري ڇڏين،
ڪن نازڪ جذبن کي.
ڪومل دل،
پوتر ڀاونائن کي، ڇا ڪريون؟
ڇا ڪريون انهن جي آس پاس،
دل جي قريب رهندڙ ماڻهن کي؟
ڊاهي ٿا ڇڏين، نابود ڪري ڇڏين،
چڪناچُور ٿا ڪري ڇڏين.
اُلجهائي، پريشان ڪري،
منجهائي ٿا ڇڏين
اهي قريبي رشتا، رتورت ڪندڙ
سو ’شبنم‘ مٿن مائٽن جي ميڙ ۾
ٿئي پئي مونجهه گهٽي.

ڇا تون ڏيئي سگھين ٿو؟

رنگ برنگي خواب،
اُنهن جو ٽُٽڻ ۽ پکڙجڻ.
ڇا اُهي سونهري سپنا،
اکڙين ۾ منهنجي
سمائي سگهين ٿو؟
ڇا تون ڏيئي سگهين ٿو؟
ڪجهه بچ ڇٽيا جي مون
زمين کي چيري چيري،
سلي ڦٽڻ کان اڳ ئي
ڪنهن ناس،
صفا نابود ڪري ڇڏيا.
ڇا تون پوکي سگهين ٿو؟
ڇا تون ڪجھ ڏيئي سگهين ٿو؟
ڏينهن ختم ٿيڻ کان اڳ،
رات اچڻ کان پهرين،
پاتا اٿم سوچن، خوابن جا ڳهٽا.
ڪٿ لڳي ويئي اُنهن ڳهٽن کي،
ڇا اُها ڪٿ لاهي سگهين ٿو؟
ڳهه ۽ خواب منهنجا چمڪائي سگهين ٿو؟
ڇا تون ڏيئي سگهين ٿو؟

شاباس !

تون ڇوڪري آهين.
ماءُ، پيءُ، ڀاءُ جي
خدمت لاءِ ئي جنم ورتو اٿيئي.
گهر جو سمورو ڪم ڪار
سکندي - سکندي، تعليم پوري ڪر.
ڪجهه سال نوڪري به ضرور ڪر.
جيئن گهٽ ۾ گهٽ
پنهنجو ڏاجو ته جمع ڪري سگهين.
ساهرن کي ئي شاديءَ کانپوءِ
پگهار هٿ ۾ ڏينديءَ.
ها، توري جوابداري وڌي ويندءِ.
پر تون، ڌرتي ماتا جيان
ڏيرج واري آهين.
جوابداري ته نڀاهيندي رهنديءَ
ٻارن کي به پالڻ تاتڻ،
گهوٽ جي سار سنڀال،
چانهه پاڻي،
ٽفن ڏيئي آفيس اُڪلائي.
ٻار وڏا ٿين ته سسُ سهڙي کي،
گهوٽ کي به،
ٻڍاپي جي حد ڇُهڻ تائين،
سسُ سهري جي به رسوئي ڪري
پوءِ پاڻ به آفيس وڃڻ.
ڪيترو نه سهي، سُنو
حد اندر آهي تنهنجو جيون!
اَڃان باقي رت ست بچيئي
ٿوڙي طاقت ۽ حوصلو
باقي به بچيل رهيئي
نه پوٽن، پوٽين،
ڏوهٽن، ڏوهٽين کي به پالڻاءِ
تون نه ادي! ڄاڻين ئي ٿي
اهو ئي ٿيندو آهي
قاعدي اندر جيون
هڪ آدرشي ناريءَ جو...
آدرشي اِستريءَ ۾
سڀني قسمن جو
مصالح مؤجود هئڻ
نهايت ئي ضروري آهي
صبر آهي،
تياڳ جي ديوي آهي.
هن جي ڪريو جڻ جڻڪار
هي ڪرم يوڳڻي،
توکي بيحد شاباس!!!

ٿوري آسائش ته ونان!

ترڙ تڪڙ، پڇ پڇاڻ،
ماڻهن جي پيڙ،
هن جي شادي، هُن جو جنم دن،
مُشاعرا، سميلن،
ڪتابن جو شايع ٿيڻ.
مٿن مائٽن کان پاڻ ڇڏائي
سوچيو، ٿوري آسائش ته ونان.
پاڻ سان پنهنجي
ملاقات ته ڪريان.
چهرا ... چهرا ايندا رهيا،
دل جي بند ٿيل دروازي تي،
دستڪ ڏيندا ئي رهيا.
پوپٽي، مالهي، ’شيام‘
گنو، ڪلپنا، هريڪانت، شاد
دلگير، اُتم، هري سنڌي، پرم
ڇو وساري ويٺي آهين؟
دل جو دروازو
بند ڪري ويٺي آهين؟
ڪٿي وساريو اٿم؟
توهان سدا حيات
۽ اڄ جا ساهتڪار به
سدائين ياد.

چهرا، چهرا، ماضيءَ جا،
حال جا،
ياد ايندا ئي رهيا.
انيڪ جنمن جا، بيشمار
منهن، بي تعداد، مُهاندا،
اُنهن سان رشتا
اڄ جا ناهن،
يگن يُگن سان
’ڪرم‘ جا آهن.
رت جي رشتن سان،
هڪ ڪوه ۾ هيس مان
رشتا اُهي ڪوه جا
ساگر، مهاساگر وشال
ڪُشادا، لامحدود ٿي ويا.
آتما سان ڳنڍجي ويا.
سڄي ڌرتي ڪٽنب آهي،
اهو احساس ڏياري ويا.
مونکي چهرا جاڳائي ويا.
آسائش جي هڪ ساعت ۾.

هيڏانهن ڀُني تہ ڪر

ها! مان تمام ڏکيل
وائڙِي ٿِي پوندِي آهيان،
ٽِي.وِيَ جي پردي تي
اُگهاڙيون،
ننڍڙيون نينگريون
ننڍڙا ننڍڙا نينگر ڏسِي.
وچولي عمر جي زالن جي
ناگوار حرڪتن کي پسِي.
زال هوندي بہ ننڍي هوندي ڪان،
مون عوُرت جي جسم کي،
هيئن اُگهاڙو نہ ڏٺو هو.
جيئرو ٽِي.وِيَ جي ننڍڙي پردي،
تي پيئي پسان.
اسانجي گهر ۾،
زالون بہ ڪڏهن زالن جي سامهون،
ڪپڙا نہ مٽينديون هيون.
جيڪڏهن اتفاق سان اهڙِي نوُبت،
ايندي بہ هئِي،
تہ چونديون هيونسين،
ذرا ڀُنِي تہ وراء،
مان ڪپڙا ٿِي مٽايان.



آزاد نظم
اندرا شبنم
तस्वीरें
हिन्दी काव्य संग्रह
سرگوشیاں
اندرا شبنم
عبادت
सरगोशियाँ
ग़ज़लें
इन्दिरा 'शबनम'
सिलसिले
عبادت
کہانیوں کا مجموعہ
اندرا شبنم
قطرا
اندرا شبنم
दस्तक
हिन्दी काव्य संग्रह
इन्दिरा 'शबनम'
इबादत